# مرقس
## جي انجيل

### يسوع جي آمد
*(متي ۳: ۱-۱۲؛ لوقا ۳: ۱-۹،*
*۱۵-۱۷؛ يوحنا ۱: ۱۹-۲۸)*

۱ ۱ خدا جي پُٽ يسوع مسيح جي متعلق
خوشخبر جي هيءَ شروعات. ۲ يسعياه
نبي هن طرح لکيو آهي:

”ڏسو! مان پنهنجي پيغمبر کي تو کان
پهريان موڪلي رهيو آهيان. اهو تنهنجي
لاءِ رستو تيار ڪندو. ملاڪي *ملاڪي ۳: ۱*

۳ ”خداوند جي رستو تيار ڪريو ان
جي رستو سئنو بڻايو ان طرح رڻ پٽ
۾ هڪ شخص منادي ڪري رهيو
آهي.“ *يسعياه ۴۰: ۳*

۴ اهڙي طرح يوحنا بپتسمه[1] (اصطباغ) ڏيڻ
واري جهنگ ۾ اچي ڪري ماڻهن کي بپتسمه ڏني
”پنهنجي گناهن جي توبه ڪندي خداوند ڏانهن
رجوع ٿي ڪري بپتسمه وٺو. تڏهن ئي توهان
جا گناهه معاف ٿيندا. ۵ يهوداه ۽ يروشلم جا
ماڻهون يوحنا جي ويجهو آيا ۽ پنهنجي گناهن
جو اعتراف ڪيو. ان وقت يوحنا انهن کي درياءِ
يردن ۾ بپتسمه ڏني.
۶ يوحنا اُٺ جي وارن جو ٺهيل ڪپڙا ويڙهي
ڪري چيهل ۾ چم جو ڪمربند ٻڌي ڇڏيندو هيو.
جهنگ جي ماکي کائيندو هيو.
۷ يوحنا ماڻهن کي واعظ ڪندي ” مون کان
بعد ۾ اچڻ وارو مون کان وڌيڪ طاقتور هوندو
مان نوڙي ڪري ان جي جوتن جي ڪنهين کي
کولڻ جي لائق ناهيان.“ ۸ مان توهان کي پاڻيءَ
سان بپتسمه ڏيندو آهيان پر هو توهان کي مقدس
روح مان بپتسمه ڏيندو.“

[1] ۱: ۴ **بپتسمه** هي يوناني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ
ٻڏڻ، ٻڏڻ يا ماڻهون کي دفن ڪرڻ يا ڪا شيءِ پاڻي
جي هيٺ.

### يسوع کي بپتسمه
*(متي ۳: ۱۳-۱۷؛ لوقا ۳: ۲۱-۲۲)*

۹ انهن ڏينهن يسوع گليل جي ناصرت سان
يوحنا ڏانهن آيو يوحنا يسوع کي درياءِ يردن ۾
بپتسمه ڏني. ۱۰ جڏهن يسوع پاڻيءَ کان ٻاهر اچي
رهيو هيو ان ڏٺو آسمان کليل ۽ روح پاڪ هڪ
ڪبوتر جي وانگر ان جي چوطرف اچي رهيو
هيو. ۱۱ تڏهن آسمان مان هڪ آواز آيو ”تون
منهنجو پيارو فرزند آهي مان تو مان خوش آهيان.“

### يسوع جو امتحان
*(متي ۴: ۱-۱۱؛ لوقا ۴: ۱-۱۳)*

۱۲ ان وقت روح يسوع کي رڻ پٽ ۾ موڪلي
ڇڏيو. ۱۳ يسوع اتي چاليهه ڏينهن جي تائين
جهنگلي جانورن سان گڏ گذاري ڪري شيطان
کان آزمايو ويو. تڏهن ملائڪ آيو ۽ يسوع جي
مدد ڪئي.

### پهرين شاگرد جو چوند
*(متي ۴: ۱۲-۲۲؛ لوقا ۴: ۱۴-۱۵؛ ۵: ۱-۱۱)*

۱۴ يوحنا کي قيد ڪيو يسوع گليل ۾ وڃي ڪري
ماڻهن کي خدا جي خوشخبري ڏني. ۱۵ ”وقت
پرجي آيو آهي. خدا جي بادشاهت ويجهو اچي وئي
آهي پنهنجي گناهن تي توبهه ڪيو خداوند طرف
متوج ٿي وڃو ۽ خوشخبريءَ تي ايمان آڻيو.“
۱۶ يسوع گليل جي سمنڊ جي ويجهو گذرڻ
مهل شمعون[2] ۽ ان جي ڀاءُ اندرياس کي ڏٺو. ٻئي
قسم جا مهاڻا هيا اهي مڇين جو شڪار ڪرڻ
جي لاءِ سمنڊ ۾ چار ڦٽي ڪري رهيا هيا. ۱۷
يسوع چيو، ”اچو منهنجي پويان هلو مان توهان
کي ماڻهن جو ماهگير بڻائندس. ان کان پوءِ
توهان ماڻهن کي پڪڙيندا نه مڇين کي.“ ۱۸ ان
وقت اهي پنهنجي انهيءَ جڳهه کي ڇڏي ڪري
ان جي پويان هلن لڳا.

[2] ۱: ۱۶ **شمعون** ان جو ٻيو نالو پطرس آهي.

١٩ يسوع گليل سمنڊ جي ڪناري جي ويجهو
گهمي رهيو هيو ته انهن زبدي جي پُٽن يعقوب
۽ يوحنا نالي ٻنهي ڀائرن کي ڏٺو جيڪي پنهنجي
ٻيڙيءَ ۾ مڇين جي ڄارن کي شڪار ڪرڻ
جي لاءِ مرمت ڪري رهيا هئا. ٢٠ ان جو پيءُ
زبدي ۽ مزور به ڀائرن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ هئا.
انهن کي جلدي سڏايو اهي پنهنجي پيءُ کي ڇڏي
ڪري هڪدم ئي يسوع جي پويان هلڻ لڳا.

## پوتن سان جڪڙيل ماڻهون کي ڇٽڪارو

*(لوقا ٤: ٣١-٣٧)*

٢١ سبت جي ڏينهن يسوع ۽ ان جا شاگرد
ڪفرناحوم ويا. سبت جي ڏينهن يهودين جي
عبادتگاهن ۾ وڃي ڪري ماڻهن کي تعليم ڏيڻ
لڳا. ٢٢ يسوع جي تعليمات ٻڌي ڪري ماڻهون
حيران ٿيا. اهو انهن کي شريعت جي استاد جي
حيثيت سان نه بلڪه هڪ حاڪم وانگر تعليم
ڏيڻ لڳو. ٢٣ يسوع جڏهن يهودي عبادتگاهه ۾ هيو
ته پوت سان جڪڙيل هڪ ماڻهون اتي موجود
هيو. ٢٤ اهو رڙيون ڪري اي يسوع ناصري!
تون اسان کان ڇا ٿو چاهين؟ ڇا تون اسان کي
تباهه ڪرڻ لاءِ آيو آهين؟ مون کي خبر آهي ته
تون خدا جي طرفان آيل پاڪ آهين.“
٢٥ يسوع دڙڪا ڏنا ”چپ ڪري ٻاهر نڪري
اچ“ ٢٦ پوت هن سان پتوڙي ڪري ۽ ڏاڍيون
رڙيون ڪندي ٻاهر نڪري آيو.
٢٧ حاضرين حيران ۽ ڇڇيل ٿي ويا. اهي پاڻ ۾
سوال ڪرڻ لڳا. ”اهو ڪهڙو معاملو آهي؟ هي
هڪ نئين تعليم آهي. هي به اختياريءَ سان حڪم
ٿو هلائي! جڏهن پوتن تي حڪم هلائيندو آهي. ۽
اهي روحن مڃين ٿا.“ ٢٨ يسوع جي اها سچي
خبر گليل جي ساري علائقي ۾ خبر پئجي وئي.

## ڪيترن ئي ماڻهن کي صحت ۽ تندرستي

*(متي ٨: ١٤-١٧؛ لوقا ٤: ٣٨-٤١)*

٢٩ يسوع ۽ ان جا شاگرد يهودي عبادتگاهه
مان نڪري ڪري يعقوب ۽ يوحنا سان گڏ
شمعون ۽ اندرياس جي گهر ويا. ٣٠ شمعون جي
سَسُ تپي پئي هئي. اتان جي ماڻهن ان جي باري
۾ يسوع کي عرض ڪيو. ٣١ اهڙي طرح يسوع
مريض جي ڪٽولي جي قريب وڃي ڪري ان
جو هٿ پڪڙي ڪري ۽ ان کي بستري کان
اٿاري ڪري ان جو هٿ پڪڙي ڪري ان جي
مدد ڪئي هڪدم اها شفاياب ٿي وئي. ۽ اها اٿي
ڪري ان جي وڏائي ۽ خدمت ڪرڻ لڳي.
٣٢ صبح ٿيو ڪان بعد ماڻهن مريضن کي ۽
انهن ماڻهن کي پوتاريل ماڻهن هئا ان ڏانهن وٺي
آيا. ٣٣ ڳوٺ جا تمام ماڻهون هن جي گهر ويا.
دروازي جي سامهون جمع ٿيا. ٣٤ يسوع مختلف
ماڻهن کي شفا ڏني، ۾ گرفتار ٿيل ماڻهن کي هن
ڇٽڪارو ڏياريو. پر ان پوتن کي يسوع انهن کي
ڳالهائڻ جو موقعوئي نه ڏنو. ڇالاءِ جو انهن کي
خبر هئي ته يسوع ڪير آهي.

## خوشخبري جي اعلان لاءِ يسوع جي تياري

*(لوقا ٤: ٤٢-٤٤)*

٣٥ ٻئي ڏينهن صبح اپرڻ کان گهڻو اڳي ئي
يسوع ٻاهر هليو ويو. اهو اڪيلي هنڌ تي ويو ۽
عبادت ڪرڻ لڳو. ٣٦ ان کان بعد ۾ شمعون ۽
ان جا ساٿي يسوع جي ڳولها ۾ نڪتا. ٣٧ انهن
يسوع سان مليا ۽ ان کي چوڻ لڳا ته ”ماڻهون
توهان کي ڳولهي رهيا آهن.“
٣٨ يسوع چيو، ”هتان کان ويجهن ويجهڙين
شهرن ڏانهن اسان کي وڃڻو آهي انهن مقامن
تي مون کي منادي ڪرڻي آهي ان جي لاءِ مان
هتي آيو آهيان“. ٣٩ انهيءَ طرح يسوع گليل جي
چئني طرفن جو دورو ڪري يهودي عبادتگاهن
۾ ماڻهن کي تبليغ ڪئي ۽ پوتن سان جڪڙيل
ماڻهن کي نجات ڏياري.

## ڪوڙهي جي تندرستي

*(متي ٨: ١-٤؛ لوقا ٥: ١٢-١٦)*

٤٠ هڪ ڪوڙهي يسوع ڏانهن حاضر ٿيو
۽ گوڏا کوڙي ڪري عرض ڪرڻ لڳي،
”جيڪڏهن توهان چاهيو ته مون کي صحت
بخشي سگهو ٿا.“
٤١ يسوع ان کي رحم ڪري ڇهي ڪري
چيو، ” تنهنجي صحت ياٻي منهنجي لاءِ آرزو
آهي. تو کي صحت نصيب هجي.“ ٤٢ ان سان
گڏ انهي وقت پاڪ صاف ٿي ويو، پاڪ صاف
ٿي ويو ۽ اهو ڪوڙهو هليو ويو.
٤٣-٤٤ يسوع ان کي روانو ڪيو ۽ سختي
سان تاڪيد ڪئي ته ”ان شيءِ جي لاءِ ڪنهن
کي نه چونجاءِ پر وڃي ڪري پنهنجي پاڻ

كاهنن کي ڏيکار ۽ پاڪ صاف ٿي وڃڻ جي
بابت انهن شين جي موسيٰ حڪم ڏنو نذرانو پيش
ڪرين ته ان جي لاءِ شاهدي آهي.“ ۴۵ اهو اتان
وڃي ڪري ماڻهن کي چيو ته يسوع ئيءَ ان کي
شفا ڏني. اهڙي طرح يسوع جي باري ۾ خبر هر
طرف ڦهلجي ويئي. ۽ انهيءَ لاءِ ماڻهن ڏسي
رهيا هوندا آهن، ان وقت يسوع شهر ۾ داخل نه
ٿي سگهيو. يسوع هڪ ويارن هنڌ تي ٽڪندو.
پر ماڻهون تمام شهرن کان اچي ڪري ۽ اتي
وڃي پهچندا هئا جتي يسوع هوندو.

## اڌرنگي ماڻهون جي صحتيابي

*(متي ۹: ۱-۸؛ لوقا ۵: ۱۷-۲۶)*

۲
۱ ڪجهه ڏينهن گذرڻ کان بعد يسوع
وري ڪفرناحوم واپس آيو. اها خبر
ڦهلجي ويئي ته يسوع گهر واپس اچي ويو آهي.
۲ گهڻا ماڻهون يسوع جي حڪم ٻڌڻ جي لاءِ جمع
ٿيا. ماڻهن سان گهر پرجي ويو هيو. اتي بيهڻ
جي لاءِ هڪ به ماڻهوءَ جي جاءِ دروازي تائين
نه هئي. يسوع انهن کي تعليم ڏيئي رهيو هيو. ۳
ڪجهه ماڻهن اڌرنگي واري ماڻهون کي يسوع
جي ويجهو وٺي آيا ان کي چار ماڻهون کڻي آيا
هئا. ۴ گهر ماڻهن جي ميڙاڪي سان پريل هيو
انهيءَ لاءِ اهي ان کي يسوع تائين نه کڻي اچي
سگهيا. انهي وجهه سان يسوع جنهن گهر ۾ هيو
ان جي ڇت تي چڙهي ويا ۽ ڇت جو اهو حصو
کولي ڇڏيو جنهن جي هيٺان يسوع ويٺو هيو.
اهڙي طرح اتان جاءِ ٺاهي مريض کي کٽولي
سميت جنهن تي اهو سمهيل هيو اتان لاٿائون.
۵ انهن ماڻهن کي اهڙي گيهري ايمان کي ڏسي
ڪري يسوع اڌرنگي واري ماڻهون کي چيو،
”اي نوجوان! تنهنجا گناهه معاف ٿي ويا آهن.“
۶ ڪجهه شريعت جا عالم اتي ويٺا هيا جن
يسوع جي چيل ڳالهين کي ٻڌو ۽ سوچيو، ۷ ”اهو
ايئن چو ٿو چوي؟ اهي ڳالهيون خدا جي بي
عزّتي ڪرڻ وارا آهن! ڇالاءِ جو خدا ئي صرف
گناهن کي معاف ڪري سگهي ٿو.“
۸ يسوع سمجهيو ته شريعت جي عالمن
ان جي متعلق سوچي رهيا هيا ته چيائون،
” توهان ائين چو ٿا سوچندا آهيو؟ ۹ ان
اڌرنگي واري ماڻهون کي چا چوڻ سولو
آهي؟“ تنهنجا گناهه معاف ڪريا ويا آهن
يا ان طرح چوڻ گهرجي ته اُٿ پنهنجو
کٽولو کڻي وڃ. ۱۰ پر ابن آدم کي زمين
تي گناهه معاف ڪرڻ جو اختيار آهي.
اهو توهان کي سمجهڻو پوندو.“ تڏهن
يسوع مريض کي ان طرح چيو.“ ۱۱
”آئون تو کي چوان ٿو اُٿ ۽ پنهنجو کٽولو
کڻي گهر وڃ.“
۱۲ هڪدم مريض اٿي بيٺو ۽ پنهنجو کٽولو کڻي
ڪري سڀن جي سامهون اتان ٻاهر هليو ويو. ان
منظر کي ڏسي ڪري ماڻهن حيران ٿي ڪري
چيو، ”اسان اهڙو ڪوئي واقعو پهريان ڪڏهن
به نه ڏٺو آهي.“ ۽ اهي خدا جي وڏائي ڪرڻ لڳا.

## لاوي (متي) يسوع جي پويان ٿي ويو

*(متي ۹: ۹-۱۳؛ لوقا ۵: ۲۷-۳۲)*

۱۳ يسوع ٻيهر سمنڊ جي ويجهو ويو ڪئي
ماڻهون ان جي پويان ويا ان انهن کي تعليم ڏني.
۱۴ جڏهن يسوع سمنڊ جي ڪناري کان گذري
رهيو هيو هڪ محصولي ٺيڪيدار حلفي جي
پُٽ لاوي کي ڏٺو. لاوي محصول وصولي جي
چبوتري تي ويٺا هيا. يسوع چيو، ”منهنجي پويا
اچو“ تڏهن اهو اتي ڪري يسوع جي پويا هليو.
۱۵ انهي ڏينهن ڪجهه ئي دير کان بعد يسوع
لاوي جي گهر ۾ ماني کائي رهيو هيو. اتي هڪ
محصول وصول ڪرڻ وارا وارا ۽ ٻيا بدڪردار
ماڻهون به يسوع ۽ ان جي شاگردن سان گڏ کاڌو
کائي رهيا هئا. انهن ماڻهن ۾ گهڻا يسوع جا هلڻ
لڳا هئا. ۱۶ شريعت جا عالمن جيڪي فريسي هيا
ڏسي ڪري محصول وصول ڪرڻ وارا عهديدار
۽ ٻيا بدڪردار ماڻهون سان گڏ يسوع کائي رهيو
هيو ته انهن يسوع جي شاگردن کان پڇيو، ”هو
چو گنهگارن ۽ محصول وصول ڪرڻ وارن
عهديدارن سان گڏ کاڌو کائي رهيو آهي؟.“
۱۷ يسوع ٻڌو ۽ انهن کي چيو، ”صحتمند جي
لاءِ طبيب جي ضرورت ناهي. بيمارين جي لاءِ
طبيب جي ضرورت هوندي آهي. مان شريف
ماڻهن کي گهرائڻ لاءِ نه آيو آهيان مان گنهگارن
کي گهرائڻ لاءِ آيو آهيان.“

## يسوع ٻين مذهبي رهنمائن جي طرح نه آهي

*(متّي ۹: ۱۴-۱۷؛ لوقا ۵: ۳۳-۳۹)*

۱۸ يوحنا جا شاگرد ۽ فريسي ماڻهون روزه

رکندا هيا. ڪجهه ماڻهون يسوع ڏانهن آيا ۽ پڇا
ڪيائون، ”يوحنا جا شاگرد ۽ فريسي به روزه
رکندا آهن. پر تنهنجا شاگرد روزه ڇو نه ٿا
رکن؟“
۱۹ يسوع جواب ڏنو، ”جڏهن شادي ٿي رهي
آهي، ۽ جڏهن گهوٽ گڏ رهندو آهي ته ان جا
دوست غم نه ڪندا آهن ۽ نه روزه رکندا آهن.
۲۰ پر هڪ وقت ايندو جڏهن اهو پنهنجي
دوستن کي ڇڏي هليو ويندو، تڏهن ان جا دوست
فڪرمند ٿيندا ۽ روزه رکندا.
۲۱ ”ڪوئي به پنهنجن پراڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن
کي ڪوٽ کي نئين ڪپڙي چتي ناهي هڻندو.
جيڪڏهن اهو ائين ڪندو ته آهي ته اهو پيوند
سڪڙيل ۽ ڦاٽل جڳهه کي وڌيڪ وڌائيندو آهي.
۲۲ اهڙي طرح ماڻهون نئين انگوررس کي
پراڻي مشڪن ۾ وجهي نه رکندا ڇالاءِ جو ته
ائي ڪرڻ سان مشڪ به ڦاٽي پوندي آهي ۽ مئي
به ضايع ٿي ويندي آهي. انهيءَ جي لاءِ ماڻهون
نئين مئي کي نئين مشڪن ۾ وجهي رکندا آهن.“

## ڪجهه يهودين جي مسيح تي تنقيد ڪرڻ

*(متّي ۱۲: ۱-۸؛ لوقا ۶: ۱-۵)*

۲۳ سبت جي ڏينهن يسوع پنهنجن ڪجهه
شاگرد سان گڏ باغن مان گذري رهيو هيو.
جڏهن هو هلي رهيو هيو ته شاگردن ڪاڻڻ
لاءِ داڻن جون ڪجهه ڻامبون پٽيون. ۲٤
فريسين اهو ڏٺو ۽ يسوع کان پڇيائون،
”تنهنجا شاگرد ائين ڇو ٿا ڪرن ڇا يهودين
جي شريعت جي خلاف ناهي آهي.“
۲۵ يسوع جواب ڏنو، ”ڇا توهان پڙهيو
آهي ته دائود ۽ ان جي ماڻهون جڏهن بکيا
هيا ۽ جڏهن انهن ڪاڌو گهربو ته ان انهن جي
لاءِ ڇا ڪيو هيو. ۲۶ اهو سردار ڪاهن
ابي ياٿر جو دور هيو. دائود هيڪل ۾ ويو ۽
ان خداوند جي نذر ڪيل ماني کاڌي. موسيٰ
جي شريعت چوي ٿي صرف ڪاهن ئي
ماني کائي سگهي ٿو دائود پنهنجي سان گڏ
موجود ماڻهن کي به ماني ڏني.“
۲۷ ان کان بعد يسوع فريسين کي چيو، ”سبت
جو ڏينهن انهيءَ لاءِ مقرر ٿيو ته ان ۾ ماڻهن جي
مدد ٿي نه ته ماڻهن جي تخليق جو مقصد اهو
آهي ته اهو سبت جي ڏينهن حوالي ٿي وڃن. ۲۸
انهيءَ لاءِ ابن آدم سبت جي ڏينهن جي لاءِ ۽ تمام
ڏينهن جي لاءِ خداوند آهي.“

## هٿ جي سڪيل ماڻهون کي شفاپائڻ

*(متّي ۱۲: ۹-۱٤؛ لوقا ۶: ۶-۱۱)*

۳ ۱ ٻئي ڏينهن يسوع يهودين جي عبادتگاهن
۾ ويو. اتي هڪ هٿ کان سڪيل ماڻهون
هيو. ۲ اتي موجود ڪجهه يهودي يسوع کان
ڪائي ٿيڻ واري غلطي جا منتظر هيا ته جيئن
ان تي الزام ٺهرائين. اهي ماڻهون ڪڙي نظر
رکيل هئا ته يسوع ڪيئن ان سڪڙيل هٿ واري
ماڻهون کي ڇڱو ڀلو ڪندو. اهو سبت جو ڏينهن
هيو ان لاءِ اهو ان جي ويجهو ئي ويٺا. ۳ يسوع
هٿ کان سڪيل ماڻهون کي چيو، ”اٿي بيهه
سڀني ماڻهن کي پاڻ کي ڏسڻ ڏيئي.“
٤ تڏهن يسوع ماڻهن کان پڇيو، ”سبت جي
ڏينهن ڪهڙو ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي نيڪ
ڪم يا خراب ڪم؟ ڇا اهو صحيح آهي ته هڪ
جي زندگي کي بچايو وڃي يا ماريو وڃي؟“ پر
اهي خاموش رهيا ڇالاءِ جو اهي جواب ڏيئي نه
سگهيا هئا.
۵ يسوع غصي سان ماڻهن جي طرف ڏٺو. انهن
جي سنگدلي انهن کي ڏک ٿيو ڪيو. يسوع ان
ماڻهون کي چيو، ”تون پنهنجو هٿ اڳي ڪر.“ ان
پنهنجو هٿ يسوع جي طرف وڌايو. هڪدم ئي ان
جو هٿ شفاياب ٿي ويو. ٦ ان وقت فريسي يسوع
يهودين سان گڏ ٻاهر ويا ۽ منصوبه ٺاهي شروع
ڪيو ته ڪهڙي طرح يسوع کي قتل ڪيو وڃي.

## يسوع مسيح جي پويان ماڻهن جو ميڙاڪو

۷ يسوع پنهنجي شاگردن سان گڏ سمنڊ جي
طرف ويو. گليل جا ڪئي ماڻهون ان سان گڏ ٿي
هليا. ۸ يهوداه يروشلم ۽ ادونيه کان دريا يردن
جي هُن پار جي علائقي کان صور ۽ صيدا جي
اطراف ۽ انڪاف وارين جاين تان گهڻي تعداد
۾ ماڻهون آيا. يسوع جي وڏن ڪمن کي ٻڌي
ڪري اهي ماڻهون آيا هئا.
۹ يسوع ماڻهن جي ان ميڙاڪي کي ڏسي
ڪري پنهنجي شاگردن کي چيو ان جي لاءِ
هڪ ٻيڙي تيار ڪري ته جيئن اهي ماڻهون
ڳاهٽ نه ٿي وڃن. ۱۰ يسوع ڪيترن ئي ماڻهن
کي شفاياب ڪيو. انهي جي لاءِ تمام مريض ان

كي ڇهڻ جي لاءِ ان جي مٿان ڪري پيا. ناپاڪ
پوتن سان جڪڙيل ماڻهون اتي هيا. ١١ پوت
يسوع کي ڏسي ڪري ان جي سامهون هيٺ
ڪرندا ۽ زور سان رڙيون ڪندا هيا ته ”تون
خدا جو پُٽ آهين.“ ١٢ انهي لاءِ يسوع انهن کي
ان ڳالهه جي سختي سان تاڪيد ڪئي هئي ته
ماڻهن کي معلوم نه هجي ته اهو ڪير آهي.

## يسوع جو ٻارهن رسولن کي چونڊڻ

*(متّي ١٠: ١-٤؛ لوقا ٦: ١٢-١٦)*

١٣ تڏهن يسوع هڪ جبل تي چڙهي ويو
يسوع ڪجهه ماڻهن کي پنهنجي ويجهو اچڻ لاءِ
چيو يسوع جي چاهت ۽ پسند جا ماڻهون ئي هيا.
١٤ اهي ماڻهون يسوع جي ويجهو مٿانهون ويا.
ان انهن مان ٻارهن ماڻهن کي پنهنجي رسولن
جي حيثيت سان چوندي چڙيو. يسوع چيو ته هي
ٻارهن ماڻهن کي انهن سان گڏ رهن ۽ انهن کي
ٻين هنڌن تي ماڻهن کي تعليم جي لاءِ موڪليو
وڃي. ١٥ ان ڪان علاوه انهن کي پوتن سان
جڪڙيل ماڻهن کي پوتن ڪان ڇهٽڪارو ڏيڻ جا
اختيارات ڏيڻ چاهيو. ١٦ جنهن ٻارهن ماڻهن کي
يسوع چونديو اهي هي آهن:
شمعون، يسوع ان کي پطرس جو نالو ڏنو.
١٧ زبدي جو پُٽ يعقوب ۽ يوحنآ، يسوع
ان کي بُوانرگس جو نالو ڏنو. ان جو مطلب
”گجگوڙ جو پُٽ.“
١٨ اندرياس،
فلپ ۽ برترمائي،
متّي،
توما،
حلفي جو پُٽ يعقوب،
تدّي
۽ شمعون ڪنعائي قوم پرست.
١٩ ۽ يهوداه اسڪريوتي اهو آهي جنهن يسوع
کي ان جي دشمنن جي حوالي ڪيو.

## يسوع مسيح تي پوتن جي اثران جا الزام

*(متّي ١٢: ٢٢-٣٢؛ لوقا ١١: ١٤-٢٣؛ ١٢: ١٠)*

٢٠ تڏهن يسوع گهر ويو. پر اتي وري پيهر
ڪيترائي ماڻهون جمع ٿي ويا. انهي وجهه
جي ڪري يسوع ۽ جا شاگرد کاڌو به نه کائي
سگهيا. ٢١ يسوع جي خاندان جا ماڻهن کي تمام
حالتن جو علم ٿي ويو. چو ته ڪجهه ماڻهن چيو
ته هي يسوع چريو آهي. ان جي خاندان وارا ان
کي وٺي وڃڻ جي لاءِ آيا هئا.
٢٢ شريعت جا عالم جيڪي يروشلم کان آيا هيا
انهن چيو، ”بلجبل (شيطان) ان ۾ آهي. اهو پوتن
جي سردار جي مدد سان پوتن سان جڪڙيل
ماڻهن کي ڇٽڪارو ڏياريندو آهي.“
٢٣ انهيءَ لاءِ يسوع سڀن کي گڏ گهرايو ۽
انهن کي مثالن جي ذريعي تعليم ڏني. يسوع چيو،
”شيطان کي شيطان ڪهڙي طرح ڪڍي سگهي
ٿو.“ ٢٤ بادشاهت جيڪا خود پاڻ جي خلاف
وڙهيندي آهي. پاڻ قائم نه ٿي رهي سگهي. ٢٥
جنهن خاندان ڦٽهيڙيو آهي اهو قائم نه ٿو رهي
سگهي. ٢٦ جيڪڏهن شيطان خود پنهنجي پاڻ
ئي ڦري وڃي ته ۽ الگ ٿي وڃي اهو بهي نه
ٿو سگهي ان جي حڪومت ختم ٿي ويندي آهي.
٢٧ جيڪڏهن ڪوئي طاقتور ماڻهون ڪنهن
جي گهر ۾ گهڙي ڪري شين کي چورائڻ چاهي
ٿو ته ان کي گهرجي ته اهو پهريان طاقتور کي
ٻڌي. تڏهن ان طاقتور جي گهر مان شيون چرائڻ
ناممڪن ٿي سگهندو.
٢٨ آئون توهان کي سچائي ٻڌائي رهيو
آهيان ماڻهن کان ٿيڻ وارا تمام گناهن
۽ ڪفر جون ڳالهين جي معافي ملي
سگهندي آهي. ٢٩ پر رُوح پاڪ جي
خلاف جيڪو ڪوئي گناهه ڪندو ان کي
ڪڏهن به معافي نه ملندي چالاءِ جو اهو
هميشه ان گناهه جو ڏوهاري رهندو.“
٣٠ يسوع انهيءَ لاءَ اهو چيو ته معلّمين شريعت
چوندا آهن ته يسوع جي اندر ناپاڪ پوت آهي.

## يسوع جا شاگرد ئي ان جي خاندان جا حقيقي فرد آهن

*(متّي ١٢: ٤٦-٥٠؛ لوقا ٨: ١٩-٢١)*

٣١ تڏهن يسوع جي ماءُ ۽ ان جا ڀائر اتي آيا
اهي ٻاهر بيهي رهيا ۽ هڪ ماڻهون کي اندر
موڪليو ته يسوع مسيح کي ٻاهر اچڻ لاءِ چئه.
٣٢ ڪئي ماڻهون يسوع جي اطراف ويٺا هئا
انهن يسوع کي چيو، ”توهان جي ماءُ ۽ توهان جا
ڀائر ٻاهر انتظار ڪري رهيا آهن.“
٣٣ يسوع جواب ڏنو، ”منهنجي ماءُ ڪير؟
منهنجا ڀائر ڪير؟“ ٣٤ تڏهن پنهنجي چوطرف

ويتل ماڻهن جي طرف ڏسي ڪري چيو، ”اهي
ئي ماڻهون منهنجي ماءُ ۽ ڀائر آهن. ٣٥ جيڪو
به خدا جي مرضي جي مطابق هلندو اهي ئي
منهنجا ڀائر ڀينر ۽ منهنجي ماءُ هوندي.“

## ٻج ڇٽڻ وارن هاري جو مثال

*(متي١٣: ١-٩؛ لوقا ٨: ٤-٨)*

٤ ١ هڪ ڀئي موقعي تي يسوع سمنڊ جي
ڪناري تي ماڻهن کي تعليم ڏيئي رهيو
هيو. ۽ ڪئي ميڙاڪي ۾ ماڻهو يسوع جي
چوطرف جمع ٿي ويا. تڏهن يسوع ٻيڙيءَ ۾ وڃي
ويٺو ۽ تمام ماڻهون سمنڊ جي ڪناري ٿوري
پري هليو ويو، تمام ماڻهون پاڻي جي ڪناري تي
هئا. ٢ تڏهن يسوع ٻيڙيءَ ۾ ويهي ڪري مثالن
جي ذريعي ۽ مختلف ماڻهن کي تعليم ڏني. ٣
انهن چيو، ”ٻڌو هڪ هاري ٻج ڇٽڻ مهل ڪئي.“
٤ ٻج ڇٽڻ مهل ڪجهه ٻج گس تي ڪريا. ۽
پکي اچي انهن ٻجن کي چُڳي ويا. ٥ ڪجهه ٻج
ٽڪرائيتي زمين ۾ ڪري پيا. ان زمين ۾ گهٽي
مٽي نه هجڻ ڪري انهيءَ وجهه سان ٻج جلد
وڌي ويا. ٦ جڏهن سج اڀريو، ان وڻ کي تجئلي
ڏني. ته اهي اڀريل ٻج سڙي ويا. انهيءَ جي لاءِ
انهن جون پاڙون هيٺ تائين نه وڃي سگهيون.
٧ ٻيا ڪجهه ٻج ڪنڊن وارن ٻوٽن ۾ ڪريا،
ڪنڊن وارن ٻوٽن ڦلجڻ کان بعد سٺن ٻوٽن کي
گهٽي وڌڻ کان روڪيو. جنهن جي وجهه سان
اهي ٻوٽا ڪوئي ڦل نه ڏئي سهگيا. ٨ ڪجهه ٻيا
داڻا ڀلي زمين تي ڪريا. اهي اڳي هلي وڌي ويا
۽ ڦل ڏنو. ان مان ڪجهه وڻ ٽيهه ڀيرا ۽ ڪجهه
سٺ ڀيرا ۽ ٻيا ڪجهه وڻن سوُ دفعو وڌيڪ ڦل
ڏنا.“ ٩ تڏهن يسوع چيو، ”توهان جيڪا ڳالهه
منهنجي ٻڌي رهيا آهيو اها غور سان ٻڌو!“

## يسوع جو چوڻ ته انهن ڪي مثالن ۾ استعمال چو ڪيا

*(متّي١٣: ١٠-١٧؛ لوقا ٨: ٩-١٠)*

١٠ جڏهن يسوع اڪيلو هيو ته ان جا ٻارهن
رسول[1] ۽ ان جا ٻين شاگردن انهن مثالن جي
بابت پڇيو،
١١ يسوع چيو، ”خدا جي بادشاهت جي سچائي
جو ڪِجهه صرف توهان سمجهي سگهو ٿا پر ٻين
ماڻهن کي مثالن کي آئون ان ذريعي هر شيءِ
سمجهائيندو آهيان. ١٢ ته جيئن،

اهي ڏسندا، ڏسندائي رهندا پر حقيقت ۾
ڪڏهن به نه سچائي سهگندا. اهي ٻڌندا،
ٻڌندا رهندا پر ڪڏهن به سمجهي نه
سهگندا. جيڪڏهن اهي ڏسندا ۽ سمجهندا،
ته شايد بدلي سگهن ٿا ۽ معافي ملي
سگهندي آهي.“ *يسعياه ٦: ٩-١٠*

## وڌل ٻجن جي حوالي سان متعلق يسوع جي وضاحت

*(متّي ١٣: ١٨-٢٣؛ لوقا ٨: ١١-١٥)*

١٣ تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو، ” ڇا
توهان انهن مثال کي سمجهيو جيڪڏهن ان مثال
کي نه سمجهي سگهيا ته پوءِ ٻين ڪهڙن مثال
کي سمجهندا؟ ١٤ پوکڻ وارو جيڪو وجهندو
آهي ان جي مثال ائين ئي آهي جيئن ته خدا
جي تعليماتن کي ماڻهن ۾ تبليغ ڪندو آهي. ١٥
ڪجهه ماڻهون خداوند جي تعليمات ٻڌندا آهن.
پر شيطان ۾ وڌل ڪلام کي ڪيڏي ڪري ٻاهر
ڦٽي ڪندو آهي ۽ اهي ماڻهون رستي ۾ وڌل ٻجن
جي نمائنديگي ڪندا آهن.
١٦ ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهون جيڪي خداوند جو
ڪلام ٻڌندا آهن ۽ خوشيءَ سان جلدي قبول به
ڪري ڇڏيندا آهن. ١٧ پر اهي ان ڪلام کي
پنهنجي دل ڪلام کي جڙ پڪڙڻ جي موقعو
ئي ناهن ڏيندا. اهي ان ڪلام کي ٿوري وقت
جي لاءِ ئي رکندا آهن. ان ڪلام جي نسبت جي
ڪري انهن تي ڪائي مصيبت اچي يا انهن تي
ڪوئي ظلم ۽ زيادتي ٿي ته اهي ان کي جلدي ئي
ڇڏي ڏيندا آهن. انهن جي مثال ٽڪرائيتي زمين
تي ڪريل ٻجن جي طرح هوندي آهي.
١٨ ۽ ڪجهه ماڻهون ڪنڊا وارن ٻوٽن جي
وچ ۾ وڌل ٻج جي طرح آهن اهي ماڻهون ڪلام
ته ٻڌندا آهن. ١٩ پر زندگيءَ جي فڪرن، دولت
جي لالچ ۽ ڪئي ٻيا خواهشون انهن جي دلين
۾ گهريل ڳالهين کي وڌڻ کان روڪنديون آهن.
ان جي وجهه جي ڪري انهن جي زندگي ۾ اهو
ڪلام ڦل وارو ناهي هوندو.

[1] ٤: ١٠ **رسول** يسوع پنهنجي لاءِ ان خاص مددگارن ڪي چونڊيو هيو.

٢٠ ”۽ ڪجهه ماڻهون ان ٻج وانگر هوندا آهن
جيڪي ڀلي تي ڪريل زمين هوندي آهي جڏهن
اهي ڪلام ٻڌندا آهن ته قبول ڪري ڦل ڏيندا آهن
ڪجهه موقعن تي ٽيهه دفعا وڌيڪ ۽ ڪجهه
دفعا سٺ ڀيرن کا ن به وڌيڪ ۽ ڪجهه سوءُ
ڀيرا کان به وڌيڪ ڏيندا آهن.“

## توهان وٽ جيڪو ڪجهه آهي ان کي ضرور استعمال ڪريو

*(لوقا ٨: ١٦-١٨)*

٢١ وري يسوع چيو، ”ڇا توهان ٻرندڙ ڏيئي
کي ڪنهن ٿانو جي اندر يا ڪنهن ڪٽولي جي
هيٺان رکندءُ؟ نه بلڪه ڏياتي کي ڏياتي تي رکندا
آهيو. ٢٢ هر اها شيءِ جيڪا لڪيل آهي ان کي
ظاهر ڪريو وڃي ۽ هر اها شيءِ جيڪا لڪيل
راز ۾ هجي ان کان پردو هٽايو وڃي ۽ اها واضع
ٿي ويندي. ٢٣ منهنجي ڳالهه ٻڌڻ وارا توجهه
ڏيئي ٻڌو! ٢٤ توهان جن ڳالهين کي ٻڌي رهيا
آهيو اهي غور سان ٻڌو. توهان جن ماپن سان
ماپيندا ويندءُ توهان انهن مان ماپيا ويندءُ توهان
جيترو ڏنو آهي انکان وڌيڪ اهو ڏيندءُ. ٢٥
جنهن وٽ ڪجهه آهي ان کي وڌيڪ ڏنو ويندو.
جنهن وٽ ڪجهه نه هوندو ان وٽ جيڪو
ڪجهه به هوندو اهو به ان کان ورتو ويندو.“

## وڏل ٻجن جي نسبت جي يسوع مسيح جو مثال

٢٦ وري يسوع چيو، ”خدا جي بادشاهت
زمني تي ٻج ڇٽڻ وارن ماڻهن جي وانگر آهي
٢٧ هاري سمهي رهيو آهي يا جاڳي رهيو آهي
داڻو رات ڏينهنن وڌندوئي ويندو آهي . هاري نه
ڄاڻيندو آهي ته داڻو ڪهڙي طرح وڌي رهيو
آهي. ٢٨ زمين ڀهريان ٻوٽن کي ٻوءِ سنگن کي
۽ ان کان بعد داڻن سان ڀريل سنگ کي خودبخود
پيدا ڪندي آهي. ٢٩ وري چيو ته جڏهن سنگ ۾
داڻو پختو هوندو آهي ته هاري فصل لٽندو آهي
”ان کي لاپاري جو وقت چوندا آهن.“

## خداوند جي بادشاهت اهر جي داڻي وانگر آهي

*(متي ١٣: ٣١-٣٢، ٤: ٣٤-٣٥؛*
*لوقا ١٣: ١٨-١٩)*

٣٠ وري يسوع چيو، ”خدا جي وضاحت جي
لاءِ آئون توهان کي ڪهڙي مثال ڏيان؟ ٣١ ان
چيو خدا جي بادشاهت اهر جي داڻي جي وانگر
هوندي آهي توهان زمين جن داڻن کي پوکيو ٿا
انهن ۾ اهر هڪ ننڍڙو داڻو آهي. ٣٢ جڏهن
توهان ان داڻي کي پوکيندا آهيو ته اهو خوب
وڌندو آهي ۽ اهو توهان جي باغ جي ٻين ٻوٽن
۾ اهو وڌيڪ وڏو ٿيندو آهي ان جون وڏيون
وڏيون ٽاريون ٿينديون آهن. جهنگ جا پکي اتي
اچي ڪري پنهنجا آکيره ٺاهيندا آهن. ۽ سج جي
گرمي کان محفوظ هوندا آهن.“
٣٣ يسوع اهڙين بيشمار مثالن جي ذريعي
آساني سان سمجهه ۾ اچڻ واران ڳالهين جي تعليم
ڏيندا رهيا. ٣٤ يسوع هميشه مثالن جي ذريعي
ماڻهن کي تعليم ڏيندو رهيو پر جڏهن ان جا شاگرد
ان جي سامهون هوندا آهن ته انهن کي اهو سڀ
ڪجهه وضاحت سان ڪري سمجهائيندو هيو.

## يسوع جي حڪم جي تعميل ۾ آندهي جي فرمانبرداري

*(متي ٨: ٢٣-٢٧؛ لوقا ٨: ٢٢-٢٥)*

٣٥ ان ڏينهن شام جو يسوع پنهنجي شاگردن
کي چيو، ”مون سان گڏ اچو سمنڊ جي هُن پار
هلنداسين.“ ٣٦ يسوع ۽ ان جا شاگرد اتان جي
ماڻهن کي اتي ڇڏي ڪري هليا ويا.
جنهن ٻيڙيءَ تي يسوع ويهي تعليم ڏيئي رهيو
هيو اهي ان ٻيڙيءَ ۾ هليا ويا. انهن جي لاءِ ٻيون
گهڻيون ٻيڙيون موجود هيون. ٣٧ اهي وڃي
ئي رهيا هئا ته سمنڊ تي خوفناڪ طوفان هلڻ
شروع ٿئي ويئي. مٿانهون مٿانهون لهرون ٻيڙيءَ
سان ٽڪرائڻ لڳيون. ٻيڙيءَ تقريبن پاڻيءَ سان
ڀرجي ويئي. ٣٨ يسوع ٻيڙيءَ جي پوئين حصي
۾ ويهاڻو تي مٿو رکي ڪري سمهي رهيا هئا.
شاگرد ان جي ويجهو وڃي ڪري انهن کي
جاڳايو ۽ انهن کي چيو، ”اي استاد! ڇا توهان جو
اسان تعلق ناهي؟ اسان پاڻي ۾ ٻڏندا ٿا وڃون.“
٣٩ يسوع ننڊ مان بيدار ٿي ڪري طوفان ۽
لهرن کي حڪم ڏنو ”ته بس ماٺو ٿي. تنهنڪري
طوفان بيهي رهيو ۽ سمنڊ تي ڏائي نوائي ٿي وئي.
٤٠ يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو، ”توهان
جو ٿا گهبرايو؟ ڇا توهان ۾ اجان به يقين پيدا
ناهي ٿيو.“ شاگرد خوفزده ٿي ويا ۽ هڪ ٻئي
کي چوڻ لڳا، ”اهو ڪير ٿي ته سگهي؟ هوا ۽
پاڻي تي به ان جو حڪم مڃندا آهن.“

## پوت سان جڪڙيل ماڻهون ڪي نجات

*(متّي ٨: ٢٨-٣٤؛ لوقا ٨: ٢٦-٣٩)*

٥ ١ يسوع ۽ ان جا شاگرد سمنڊ جي پار
گراسينيون جي ملڪ ۾ ويا. ٢ يسوع
جڏهن ٻيڙيءَ مان ٻاهر آيو ته ڏنائين ته هڪ
ماڻهون قبر مان نڪري ڪري ان ڏانهن آيو ان
تي پوت سان جڪڙيل هيو. ٣ اهو قبرن ۾ رهندو
هيو انکي ٻڌي ڪري رکندا ڪنهن جي لاءِ
ممڪن نه هيو ان کي زنجيرن ۾ جڪڙڻ مان
به ڪوئي فائدو نه هيو. ٤ ماڻهن ڪيترائي ڀيرا
ان جا هٿ پير ٻڌڻ جي لاءِ زنجيرن جو استعمال
ڪيا. پر اهو انهن کي ڇڏائي ڦٽي ڪري ڇڏيندو
هيو. ڪنهن ۾ ايتري قوت نه هئي ته ان کي قابو
۾ ڪري. ٥ اهو رات ڏينهن قبرستان ۾ قبرن جي
چوطرف ۽ جبلن تي هلندو ڦرندو هيو ۽ رڙيون
ڪندي پنهنجو پاڻ کي پهڻ سان ڦٽيندو هيو.
٦ يسوع ان کان گهڻي فاصلي تي هيو ان
ماڻهون اُن کي ڏٺو ۽ ڀڄندي ايندي اچي ڪري
ان جي سامهون بيهي ڪري سلام ۽ سجدو ڪيو
٧-٨ يسوع ان کي چيو، ” اي پوت ان جي اندر
کان ته ٻاهر اچ“ ان شخص واڪو ڪندي چيو،
”۽ عرض ڪيائين اي يسوع سڀ کان مٿانهين
خدا جا پٽ مون کان توهان ڇا ٿا چاهيو؟ خداوند
جو قسم ڪٽي چوان ٿو ته مون تڪليف نه ڏيئي.“
٩ وري يسوع چيو، ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ان
جواب ڏنو، ”منهنجو نالو لشڪر[1] آهي.“ ڇالاءِ
جو مون ۾ ڪئي پوت آهن. ١٠ ان ماڻهون جي
اندرڪئي پوتن يسوع کي بار بار التجا ڪرڻ
لڳا ته مون کي ان علائقي مان نه ڪڍيو وڃي.
١١ اتي قريب جبل تي سوئرن جو هڪ ڌڻ
چري رهيو هيو. ١٢ پوتن اهو چوندي يسوع کي
عرض ڪيو، ”اسان سڀن کي سوئرن سان گڏ
موڪلي ڇڏ ۽ اسان کي اجازت ڏيئي ته اسان
انهن ۾ داخل ٿيون.“
١٣ جيئن ان کي يسوع جي اجازت ملي ته اهو
ان ماڻهون مان نڪري ڪري سوئر ۾ داخل ٿي
ويو. تڏهن تمام سوئر جبل کان ڪري سمنڊ ۾
ٻڏي ويا. ان ڌڻ ۾ تقريبن ٻه هزار سوئر هئا.
١٤ سوئرن جي ڌيٺ وائٺ ڪرڻ جي لاءِ
شهر مان ماڻهون آيا ۽ ٻاغن ۾ ويا ۽ ماڻهن کي
واقف ڪرايو. تڏهن ماڻهن جو واقعو پيش آيل ان
کي ڏسڻ جي لاءِ آيا.
١٥ اهي يسوع ڏانهن آيا انهن ڏٺو ته هڪ
ماڻهون مختلف پوتن ۾ جڪڙيل هيو ۽ ڪپڙا
پهريل اتي ويٺو آهي. اهو ماڻهون هوش حواس ۾
هيو اهو ماڻهو ان کي ڏسي ڪري ڊڄي ويو. ١٦
ڪجهه ماڻهون اتي موجود هيا ۽ يسوع جيڪو
ڪجهه ڪيو ان کي ڏسي ڪري اهي ماڻهون
ٻين ماڻهن کي ٻڌايو ته ان شخص کي جيڪو
اندر پوت آهن ان کي ڇا پيش آيو، ۽ انهن سوئرن
جي باري ۾ به چيو. ١٧ تڏهن ماڻهن يسوع کي
پنهنجو ملڪ ڇڏڻ جي لاءِ گذارش ڪئي.
١٨ جڏهن اتان يسوع وڃڻ جي لاءِ ٻيڙيءَ ۾
سوار ٿيڻ جي تياري ڪري رهيو هيو ته ان
وقت هڪ ماڻهون جيڪو پوتن کان نجات پايل
هيو. يسوع کي درخواست ڪئي ته مان به توهان
سان گڏ هلندس. ١٩ پر يسوع ان کي پاڻ سان گڏ
وٺي وڃڻ لاءِ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيو، ” تون
پنهنجي گهر وڃ ۽ پنهنجي دوستن ڏانهن وڃ.
۽ خداوند تون سان گڏ ڀلائي ڪئي آهي ۽ ان
جيڪا تنهنجي مٿان مهرباني جو سلوڪ ڪيو
آهي انهن کي ٻڌاءِ.“
٢٠ ان وقت اهو اتان هليو ويو ۽ يسوع جيڪو
ان جي مٿان احسان ڪيو هيو اُن اتي دڪاپلس[2]
جي ماڻهن کي خبر ڪرائي ڇڏي. ته اهي
ماڻهون نهايت حيران ٿيا.

## مئل نينگري کي زندگي ڏيڻ ۽ بيمار زال کي شفاياب ڪرڻ

*(متّي ٩: ١٨-٢٦؛ لوقا ٨: ٤٠-٥٦)*

٢١ يسوع ٻيهر ٻيڙيءَ ۾ سمنڊ جي هُن پار
ڪناري تمام گهڻا ماڻهون ان جي چوطرف جمع
ٿي ويا. ٢٢ يهودي عبادتخانن ۾ هڪ سردار اتي
آيو. ان جو نالو يائرس هيو ان يسوع کي ڏٺو ۽
ان جي سامهون ڪري سجدو ڪيو ۽ گهڻي التجا
ڪئي. ٢٣ ”منهنجي ننڍي ڌيءَ مري رهي آهي
برائي مهرباني ڪري توهان اچو ۽ پنهنجي هٿن
سان ان کي ڇُهو تڏهن اها وڃي صحتياب ٿي
ويندي. ۽ پوءِ وري جيءِ سگهندي.“ ٢٤ يسوع

[1] ٥: ٩ **لشڪر** لشڪر جي معنيٰ ٥٠٠٠ فوجين جو فوجي دستو.

[2] ٥: ٢٠ **دڪپُلس** دڪپلس جي معنيٰ ڏهه ڳوٺ

عهديدار سان گڏ ويا. ڪئي ماڻهون يسوع جي
پويان هلڻ لڳا ۽ اهو انهن جي چوطرف مٿي ڪان
هيٺ ڪري رهيو هيو.
٢٥ ان ماڻهن ۾ هڪ زال هئي جنهن کي
ٻارهن سالن کان رت جاري هيو. ٢٦ اها گهڻي
تڪليف ۾ مبتلا هئي. ان جي تڪليف کي نجات
ڏيارڻ جي لاءِ گهڻن طبيبن نهايت گهڻي ڪوشش
ڪئي ان وٽ جيڪي پئسا هيا اهي سڀ خرچ
ٿي ويا هئا. ان جي باوجود اها صحت نه پائي
سگهي. ان جو مرض بدتر ٿيندو پيو وڃي.
٢٧ ان کي يسوع جي باري ۾ خبر هئي اها
انهن ماڻهن جي رش ۾ پويان کان اچي ڪري ان
جي چوغي کي ڇُهي.
٢٨ ان خاتون سوچيو ته " انهن جو لباس ڇُهڻ
ڪافي آهي مان صحت مند ٿي ويندس." ٢٩
ڇُهڻ وقت ئي ان جي رت رڪجي ويو ۽ پنهنجي
صحتيابي جو احساس ٿيڻ لڳو.
٣٠ يسوع محسوس ڪيو ته ان مان ڪجهه
قوت هلي ويئي آهي ۽ اهي اتي ٺهري ڪري
پويان مڙي ڪري ڏٺو ۽ پڇيائون، "منهنجي
لباس کي ڪنهن ڇُهيو آهي؟"
٣١ شاگردن چيو، "توهان ڏسي رهيا آهيو ته
ميڙاڪو توهان جي چوطرف ڏانهن ڪري رهيو
آهي ان ۾ توهان پڇي رهيا آهيو ته مون کي
ڪنهن ڇُهيو؟" ٣٢ انهن چئني طرفن ڏي نگاهه
ڪئي ته جنهن اهو ڪم ڪيو هيو انهي کي ڏٺو.
٣٣ زال کي معلوم هيو ته ان کي شفاءِ ٿي ويئي
آهي ان وجهه کان اها زال ٻيهي ڪري ڏڃٽندي
يسوع جي سامهون آئي ۽ سجدي ۾ ڪري پئي
۽ سچو حال سچ سچ ٻڌايائينس. ٣٤ يسوع ان کي
چيو، "ڌيءَ تنهنجي ايمان جي وجهه سان تو کي
شفاءِ ملي آهي اطمنان ۽ تسلي سان وڃ. ان کان
بعد ۾ توکي ڪا به تڪليف نه ٿيندي."
٣٥ يسوع اتي ڳالهيون ئي ڪري رهيو هيو ته
انهيءَ دوران ڪجهه ماڻهون يهودي عبادتخانن
جا عهديدار يائرس گهر کان ٻاهراچي چوڻ لڳا،
"تنهنجي ڌيءَ مري ويئي آهي. هاڻي استاد کي
تڪليف نه آهي."
٣٦ پر يسوع ان جي ڳالهين تي توجهه ڪيئي
بغير يهودي عبادتگاهه جي سردار کي چيو، "
تون گهبراءِ نه صرف يقين ۽ ايمان رک."
٣٧ يسوع پاڻ سان گڏ پطرس، يعقوب ۽
يعقوب جي ڀاءُ يوحنّا کي اچڻ جي اجازت ڏني.
٣٨ يسوع ۽ اهي شاگرد يهودي عبادتگاهه جي
عهديدار يائرس جي گهر ويو. يسوع اتي ڏٺو
ته اتي گهڻا ماڻهون زارو قطار آهن ۽ اتي تمام
گهڻو شور هيو. ٣٩ يسوع گهر ۾ داخل ٿيو ۽
انهن ماڻهن کي چيو، "توهان سڀ ڇو روئي
رهيا آهيو؟" ايترو شور ڇوڪري رهيا آهيو؟
اها ڇوڪري مري ناهي سمهي رهي آهي." ٤٠
پر انهن سين ماڻهن يسوع تي کلڻ شروع ڪيو.
پڪڙي ڪري ان چيو، "تيلتاقومي" ان جي
معنيٰ " اي ننڍڙي ڇوڪري مان توکي چئي
رهيو آهيان ته اٿ." ٤٢ هڪدم ڇوڪري
اٿي ۽ هلڻ ڦرڻ شروع ڪريو. ان جي عمر
تقريبن ٻارهن سال هئي ان ڇوڪريءَ جا
والدين ۽ شاگرد تمام حيران ٿي ويا. ٤٣ يسوع
ان واقعي جي باري ۾ ڪنهن سان بيان ڪرڻ
جي لاءِ والدين کي سختي سان منع ڪئي ۽ ان
ڇوڪريءَ کي ماني کارائڻ جي لاءِ چيو.

## پنهنجي وطن جي لاءِ يسوع مسيح جو سفر

*(متّي ١٣: ٥٣-٥٨؛ لوقا ٤: ١٦-٣٠)*

٦ ١ يسوع اتان نڪري ڪري پنهنجي
شاگردن سان گڏ پنهنجي وطن واپس ٿيو.
٢ سبت جي ڏنهن يسوع يهودي عبادتگاهه ۾ تعليم
ڏني ان جو ڪلام ٻڌي ڪري ڪئي ماڻهون
تعجب ڪيو ۽ چيو، "ان حڪمت کي اُن ڪٿان
سکيو آهي؟ ان کي ڪنهن ڏنو آهي؟ ۽ ان جي
انهن معجزن جي طاقت ڪٿان آئي آهي؟ ٣ اهو
ته صرف واڍو آهي. ان جي ماءُ مريم آهي، هي
يعقوب، يوسيس، يهوداه ۽ شمعون جو ڀاءُ آهي
ان جون ڀيئرن هتي اسان سان گڏ آهن." انهن
ماڻهن يسوع کي قبول نه ڪيو.
٤ يسوع ماڻهن کي چيو، "ٻيا ماڻهون ته نبيءَ
جي وڏائي ڪندا آهن. پر نبي کي پنهنجي وطن ۾
۽ پنهنجي خاص ماڻهن ۾ ۽ پنهنجي گهر ۾ عزت
ناهي ملندي." ٥ يسوع ان ڳوٺ ۾ گهڻا معجزه
نه ڏيکاري سگهيو. اُن پنهنجي هٿن کي ڪجهه
بيمارن جي مٿان رکي ڪري انهن کي تندرست
ڪيو. ان کان علاوه ان ڪافي معجزه نه ڏيکاريا.
٦ انهن ماڻهن ۾ ايمان نه ڏسي ڪري يسوع
کي عجيب لڳو. تڏهن يسوع مختلف علائقن ۾
وڃي ڪري تعليم ڏني.

### يسوع جو پنهنجي رسولن کي مقصد تي موڪلڻ

*(متي ١٠: ١، ٥-١٥؛ لوقا ٩: ١-٦)*

٧ يسوع ٻارهن حوارين کي هڪ ساٿ سڏ
ڪري ان کي ٻه ٻه جوڙا ٺاهي ڪري ٻاهر
موڪلي ڇڏيو. يسوع ڀوتن کي قبضي ۾ رکڻ
جا اختيار انهن کي ڏنا. ٨ يسوع انهن کي چيو،
”توهان سفر جي وقت پنهنجو پاڻ سان گڏ لٺ
کان سواءِ ڪائي ٻئي شيءِ نه کڻي وڃجو.
نه ماني نه ڪائي ڳوٿري ۽ نه ئي توهان جي
کيسن ۾ ڪجهه پيئسه رهن. ٩ جوتا پايو ۽ توهان
جنهن لباس ۾ آهيو اهو ئي ڪافي آهي. ١٠ جڏهن
توهان ڪنهن گهر ۾ داخل ٿيو ته ان ڳوٺ کي
ڇڏڻ تائين توهان انهيءَ گهر ۾ رهندا. ١١ جنهن
ڳوٺ ۾ توهان کي قبول نه ڪرين ۽ توهان جي
تعليمات جو انڪار ڪرن اتان پنهنجي پيرن جي
مٽي ۽ گرد کي جهاڙي ڇڏيو ۽ ان ڳوٺ کي ڇڏي
ڏيو. اها ڳالهه انهن جي لاءِ شاهدي ٿي ويئي.
١٢ شاگرد اتان نڪري ٻين هنڌن تي ويا ۽
ماڻهن کي تبليغ ڪئي ۽ چيو ته پنهنجن گناهن
کان توبه ڪريو. ١٣ ڀوتن سان جڪڙيل بيشمار
ماڻهن کي شاگردن صحت بخشي ۽ ڪئي
بيمارين کي تيل ملي ڪري چڱو ڀلو ڪيو.

### هيروديس جو سوچڻ ته يسوع بپتسمه ڏيڻ وارو يوحنّا آهي

*(متي ١٤: ١-١٢؛ لوقا ٩: ٧-٩)*

١٤ يسوع هاڻي مشهور ٿي ويو هيو هيروديس
بادشاهه کي ان جي متعلق معلوم ٿيو ڪجهه
ماڻهن کي چيو، ”اهو يوحنّا بپتسمه ڏيڻ وارو،
اهو وري ڀيهر جيءُ اٿيو آهي. انهيءَ وجهه سان
اهي معجزه ڏيکارڻ جي لائق آهي.“
١٥ وري ڪجهه ماڻهن چيو، ”اهو ايلياه آهي“
۽ ٻين ماڻهن چيو، ”يسوع جيڪو پهريان نبين
وانگر گذاري ويو آهي، هڪ نبي آهي.“
١٦ هيروديس بادشاهه يسوع جي باري ۾
ماڻهن جي چيل انهن تمام ڳالهين کي ٻڌو ۽ چيو،
”يوحنّا جنهن جو سِر مون ڪٽرايو آهي اهو هاڻي
زنده ٿي ڪري آيو آهي؟“

### بپتسمه ڏيڻ واري يوحنّا کي قتل ڪري ڇڏڻ جو قسم

١٧ پاڻ هيروديس بادشاهه يوحنا کي قيد ڪرڻ
جي لاءِ پنهنجي ساٿين کي حڪم ڏنو هيو انهيءَ
لاءِ اهي يوحنا کي قيد ۾ وڌو. هيروديس پنهنجي
زال هيروديداس کي خوش ڪرڻ جي لاءِ ايئن
ڪيو. هيروديداس هيروديس جي ڀاءُ فلپس جي
پيڻ هئي. پر بعد ۾ هيروديس هيروديداس سان
شادي ڪئي. ١٨ يوحنا جو هيروديس کي چوندو
هيو، ”اهو تنهنجي لاءِ نيڪ ناهي جو تون
پنهنجي ڀائرن جي زالن سان شادي ڪرين.“
١٩ انهي وجهه جي ڪري هيروديداس يوحنّا کان
نفرت ڪرڻ لڳي. ۽ ان کي قتل ڪروائڻ چاهيو.
٢٠ پر اها ايئن نه ڪري سگهي. هيروديس
يوحنّا کي قتل ڪرائڻ جي لاءِ خوفزده ٿيو ماڻهن
يوحنا کي پاڪ ماڻهون، نيڪ ۽ شريف ماڻهون
سمجهندا هيا اها ڳالهه هيروديس کي معلوم
هئي. انهيءَ وجهه جي ڪري هيروديس يوحنا
جي حفاظت ڪئي. هيروديس جڏهن يوحنا جي
تبليغ ٻڌندو هيو ته بيچين ٿي ويندو هيو. ان جي
باوجود انهن کي تعليمات پوري اطمنان ۽ خوشي
سان ٻڌندا هيا.
٢١ هڪ دفعو يوحنا کي مارڻ جي لاءِ سٺو
موقعو هيروديداس جي جنم جو ڏينهن هيو.
هيروديس حڪومت جي عهديدارن کي ۽ فوج جي
سپسالار کي ۽ گليل جي سردار کي مانيءَ جي
دعوت ڏني هئي. ٢٢ هيروديداس جي ڌيءَ ان ڪاڌي
جي دعوت ۾ اچي ڪري نچڻ لڳي. هيروديس
۽ ان سان گڏ ڪاڌو ڪائڻ وارنکي گهڻي خوشي
ٿي. ان وقت بادشاهه هيروديس ان چوڪري سان
واعدو ڪيو ۽ چيو، ” تو کي جيڪو گهرڻو آهي
اهو گُهر مان تو کي عطا ڪندس.“
٢٣ وري ان واعدو وٺي ڪري چيو،
”جيڪڏهن منهنجي بادشاهت مان اڌ بادشاهت
جي حصي جو مطالبو ڪندينءَ ته مان توکي
ڏيندس.“
٢٤ چوڪري وڃي ڪري پنهنجي ماءُ کان
پڇيو، ”مان ڇا گهران؟“ ان جي ماءُ چيو ته
بپتسمه ڏيڻ يوحنا واري جو سُر گهريس.“
٢٥ اها چوڪري تيزيءَ سان بادشاهه ڏانهن
آئي ۽ چيائينس، ”بپتسمه ڏيڻ واري يوحنا جو سُر
هڪ ٿالهي ۾ انهي وقت ڏي.“
٢٦ هيروديس کي ڏاڍو ارمان ٿيو پر ان
چوڪري سان واعدو ڪيو ته اها جيڪو ٻه
گهرندي ان کي ڏنو ويندو سڀ ماڻهون هيروديس

سان گڏ کاڌو کائي رهيا هئا انهن به ٻڌو. انهيءَ
لاءِ ان انڪار ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. ٢٧
بادشاهه هيروديس يوحنا جو سر ڪٽي ڪري
کڻي اچڻ لاءِ هڪ سپاهيءَ کي روانو ڪيو ۽ ان
قيدخاني ۾ يوحنا جو سَر ڪٽي ڪري. ٢٨ ٿالهي
۾ رکي ڪري کڻي آيو ۽ ان ڇوڪري کي ڏنو.
ان پنهنجي ماءُ کي سَر ڏنو. ٢٩ ان واقعي کي
يوحنا جي شاگردن سڃاڻي ورتو اهي ماڻهو اچي
ڪري يوحنا جو جسم کڻي ويا ۽ ان کي هڪ
قبر ۾ رکي ڇڏيو.

## يسوع جو پنج هزار ماڻهن کان به وڌيڪ ماڻهن کي غذا جي تقسيم

*(متّي ١٤: ١٣-٢١؛ لوقا: ٩: ١٠-١٧؛ يوحنا ٦: ١-١٤)*

٣٠ يسوع کي جڏهن يوحنا جي باري ۾ مڪمل
ڄاڻ ملي ته اڪيلوئي ۾ يسوع ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي
ڪري ويران هنڌ هليو ويو لڪين ماڻهون ان کي
متعلق خبر پئجي ويئي هئي. ٣١ يسوع ۽ ان جا
شاگرد ان ڪانپوءِ سڀ ڳوٺ وارا پيدال هي هلي
ويا. ڇا اتي يسوع هيو. جڏهن يسوع ان ڪناري
تي آيو ته ان ڏٺو ته ماڻهن جو ميڙاڪو مجموعي
جي طرح انهن ماڻهن تي ترس کائڻ تائين وقت
نه رهيو هيو. "مون سان گڏ هلو پُر سڪون جاءِ
تي ٿورو آرام ڪنداسين.
٣٢ پس يسوع ۽ ان جا شاگرد جڏهن ٻيڙيءَ
تي سوار ٿيا ۽ اهڙي جاءِ تي ويا جتي ڪوئي
ماڻهون ئي نه هيو. ٣٣ انهن کي وڃڻ مهل
ڪيترن ئي ماڻهن ڏٺو. انهن کي معلوم هيو ته
اهو يسوع ئي هيو. انهيءَ وجهه کان ماڻهون
شهرن کان ان جڳهه تي اچي ڪري اتي اچڻ
کان پهريان ئي موجود هيا. ٣٤ يسوع جڏهن
اتي آيو ته ڏٺائين ته گهڻا ماڻهون ان جي انتظار
۾ آهن. نڌڪٽين رڍن جي ٻڪرين وانگر رهڻ
وارن ماڻهن کي ڏسي ڪري ڏکي ٿيا ۽ ان کي
گهڻين ڳالهين جي تعليم ڏني.
٣٥ پهريان ئي دير ويئي هئي. يسوع جا شاگرد
ان جي قريب ويا ۽ ان کي چيائون، "هي هنڌ
ويران آهي. ۽ گهڻي دير ٿي ويئي آهي." ٣٦
انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي موڪلي ڇڏيو ته جيئن
اهي آس پاس جي ٻاغن ۽ شهرن مان کاڌي جي
لاءِ ڪجهه خريد ڪرن."
٣٧ پر يسوع چيو، "توهان انهن کي ٿورو کاڌو
ڏيو" شاگردن يسوع کي چيو، انهن ماڻهن جي
ضرورت جي مطابق ماني ڪٿان کڻي اچون.
اسان کي انهي جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ به سوُ
دينار' گهرجن جنهن سان انهن جو ضروري غذا
پهچي."
٣٨ يسوع شاگردن کي چيو، "توهان وٽ
گهڻيون مانيون آهن؟ وڃو ۽ ڏسو" شاگرد واپس
آيا ۽ چيائون، "اسان وٽ ته صرف پنج مانيون ۽
ٻه مڇيون آهن."
٣٩ تڏهن يسوع چيو، "سائي گاس تي ماڻهن
کي چئو ته قطار ٻڌي ڪري ويهي رهن." ٤٠
ماڻهون قطارون ٺاهي ڪري گرهه جي شڪل
۾ ويهي رهيا هر هڪ قطا ۾ پنجاهه کان سوُ
ماڻهون هيا.
٤١ تڏهن يسوع "انهن مانين ۽ مڇين کي کڻي
اچو.تڏهن هن ماڻهن کي سائي گاهه تي ويهڻ
جي لاءِ چيو. پنج مانيون ۽ ٻه مڇيون کڻيون.
آسمان جي طرف ڏٺائين ۽ شڪر ڪيو. مانين
کي ٽڪرا ڪري شاگردن کي ڏنائين.۽ شاگردن
انهن مانين ماڻهن ۾ ورهايو. اهڙيءَ طرح مڇين
کي ٽڪرا ڪرڻ جي لاءِ شاگردن کي ڪرڻ
لاءِ چيو.
٤٢ انهن مڙني کائي ڪري ڍءُ ڪيو. ٤٣ ان
کان بعد ۾ ماڻهن جيڪي پوري مانيون نه کائي
سهگيا هئا بچيل مانين جي ٽڪرن کي جمع ڪيو
ته انهيءَ جي باوجود به ٻارهن ڪاريون ڀرجي
ويون. ٤٤ اتي تقريبن پنج هزار ماڻهن جو کاڌو
هيو.

## يسوع جو پاڻيءَ تي هلڻ

*(متي ١٤: ٢٢-٣٣؛ يوحنا ٦: ١٦-٢١)*

٤٥ تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي ٻيڙيءِ ۾
سوار ٿيڻ جي لاءِ چيو، يسوع هدايت ڪئي ته
اهي سمنڊ جي هُن پار بيت صيدا وڃن ۽ چيو ته
ٿوري دير بعد اهو ايندو. يسوع اتي رڪي پيو ته
جيئن ماڻهون گهر وڃڻ لاءِ سمجهي سگهن. ٤٦
يسوع ماڻهن کي روانو ڪرڻ کان بعد ۾ جبل تي
ويو ته جيئن عبادت ڪئي وڃي.

' ٦: ٣٧ **به سوُ دينار** به دينار وڃاج هڪ ماڻهون کي ملڻ واري سالاني آمدني جي برابر، دينار مساوي هڪ ماڻهون کي روز جي مزوري.

٤٧ ان رات ٻيڙي سمنڊ جي وچ ۾ هئي يسوع
اڪيلو ئي زمين تي هيو. ٤٨ يسوع ٻيڙيءَ کي
ڏٺو جيڪا سمنڊ ۾ گهڻو پري هئي ۽ شاگرد ان
کي ڪناري تي پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيا
هئا. هوا انهن جي مخالف طرف هلي رهي هئي
صبح جي ٽئين کان چهين بجي جي وچ ۾ يسوع
پاڻي هلندي ٻيڙيءَ جي ويجهو اچي ڪري ان
کان اڳي نڪرڻ چاهيو. ٤٩ پر جڏهن شاگردن
ڏٺو ته ان کي ڀُوت سمجهيو ۽ خوف جي ماري
رڙيون ڪرڻ لڳا. ٥٠ تمام شاگردن جڏهن يسوع
کي ڏٺو ته گهبرايا. پر يسوع انهن سان ڳالهيون
ڪيون ۽ چيو، ” فڪر نه ڪريو! اهو مان ئي
آهيان! گهبرايو نه.“ ٥١ پوءِ يسوع انهيءَ ٻيڙيءَ
۾ سوار ٿيو تڏهن هوا رڪجي ويئي شاگردن کي
حيرت ٿي. ٥٢ پنجن مانين مان پنجن هزار ماڻهن
کي کاڌي جو واقعو کي ڏسي چڪا هيا پر هاڻي
تائين ان جي معنيٰ سمجهي نه سگهيا. انهن جا
ذهن بند ٿي ويا.

## يسوع جو ڪئي ماڻهن کي شفاءِ ڏيڻ

*(متي ١٤: ٣٤-٣٦)*

٥٣ يسوع جا شاگرد سمنڊ جي هُن پار ڪري
گنيّسر جا ڳوٺ ۾ آيا ۽ ٻيڙيءَ سمنڊ جي ڪناري
ٻڌي ڇڏيو. ٥٤ اهي جڏهن ٻيڙيءَ کان ٻاهر آيا
ته ماڻهن يسوع کي سڃاڻي ورتو. ٥٥ يسوع جي
آمد جي اطلاع ڏني. ان ڳوٺ ۾ رهڻ وارا سڀ
ماڻهون ڊوڙڻ لڳا جتي به ماڻهن ٻڌو ته يسوع
آيو آهي ته ماڻهون بيمارن کي کٽولي سميت کڻي
اچن پيا. ٥٦ يسوع ان علائقي جي شهرن ڳوٺن ۽
باغن ۾ ويا اهي جهڙي طرف ويندا هيا ماڻهون
بازارن ۾ بيمارن کي سڏي ڪندا هيا ۽ اهي
يسوع کي گذارش ڪندا هيا ته انهن کي پنهنجي
چوغي جو دامن کي ڇُهڻ جو موقعو ڏيئي. اهي
تمام ماڻهون جنهن ان چوغي کي ڇُهيو هيو اهي
تندرست ٿي ويا.

## خدا جو مذهبي ڪتاب ۽ ماڻهن جا پنهنجا ٺاهيل اصول

*(متّي ١٥: ١-٢٠)*

٧ ١ ڪجهه فريسي ۽ شريعت جا عالم
يروشلم کان آيا اهي يسوع جي چوطرف
جمع ٿيا. ٢ فريسين ۽ شريعت جي عالمن ڏٺو
ته يسوع ڪجهه شاگرد پنهنجي هٿن کي ڌوئڻ
بغير ” خراب هٿن“ سان کاڌو کائي رهيا آهن.
٣ فريسي ۽ تمام ٻيا يهودي ماڻهن هڪ خاص
طريقي سان هٿ ڌوئڻ بغير کاڌو کائيندا هيا اهي
پنهنجي ابن ڏاڏن کان آيل اصولن جي تعميل
ڪندا هيا. ٤ جڏهن اهي بازار م ڪا به شيءِ
خريد ڪرن ته بطور خاص ان کي ڌوئي بغير
هرگز نه کائيندا هيا. لوٽو، پيالو، ٿانون وغيره
ڌوئڻ جي وقت به اهي پنهنجي وڏن کان آيل
اصولن جي پابندي ڪندا هيا.
٥ فريسن ۽ شريعت جي عالمن يسوع کان
پڇيو، ”اسان جي بزرگن جا اصول ٽوڙي ڪري
توهان جا شاگرد گندن هٿن سان کاڌو ڇو کائيندا
آهن؟“
٦ يسوع چيو، ”توهان سڀ رياڪار آهيو.
توهان جي باري ۾ يسعياه تمام خوب چيو آهي:

منهنجي وڏائي ڪندي اهي ماڻهو چوندا
آهن پر انهن جون دليون مون کان پري
آهن.
٧ ۽ منهنجي عبادت ڪندا آهن پر ڪوئي
فائدو نه آهي بيڪار آهي چالاءِ جو اهي
انساني اصولن ئي جي اها تعليم ڏيندا
آهن. *يسعياه ٢٩: ١٣*

٨ ان چيو توهان خدا جي حڪم کي رد ڪيو. پر
ماڻهون تعليمات جي پيروي ڪري رهيو آهيو.“
٩ تڏهن يسوع انهن کي چيو، ”وڏي چالاڪي
سان خدا جي حڪمن جو انڪار ڪريو ٿا ۽
پنهنجي تعليمات جي مڃيون ٿا. ١٠ موسيٰ چيو
هيو توهان کي گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي
عزت ڪريو[1] ڪوئي به شخص پنهنجي ماءُ پيءُ
کي برو پلو چوندو ته ان کي موت جي سزا
هجڻ گهرجي.[2] ١١ پر توهان چئو ٿا ته ڪوئي
به پنهنجي ماءُ پيءُ جي کي اهو چئي سهگي
ٿو، ”مون وٽ ڪجهه هجي ته مان تنهنجي مدد
ڪري سگهان ٿو پر مان اهو تحفو خدا جي لاءِ
رکي ڇڏيو آهي. ١٢ اهڙي طرح اجازت ناهي ته
پنهنجي ماءُ پيءُ جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهي.

[1] ٧: ١٠ اقتباس خروه ٢٠: ١٢ استثناء ٥: ١٦
[2] ٧: ١٠ اقتباس خروج ٢١: ١٧

۱۳ انهيءَ لاءِ توهان تعليمات ڏيندا آهيو ته خدا
جي حڪمن کي مڃڻ اهم ناهي توهان سوچيندا
آهيو ته توهان جن روايتن جي تعليم ماڻهن کي
ڏيندا آهيو ان جي بجاءِ ناضروري آهي.“
۱۴ يسوع مسيح وري ٻيهر ماڻهن کي پنهنجي
ويجهو گهرايو ۽ چيائون، ”آئون به چئي رهيو
آهيان انکي توهان سڀ سمجهو. ۱۵ ڪائي اهڙي
شيءِ ناهي جيڪا ٻاهر کان انسان جي اندر داخل
نه ٿي ڪري ان کي گندو ۽ پليت ڪري ڇڏيندي
آهي ۽ ان چيو جيڪڏهن هڪ انسان کي ان
جي اندر اچڻ واريون شيون ڏني آهيون گندو ۽
ناپاڪ بڻائي ڇڏيندو آهي.“ ۱٦[1]
۱۷ وري يسوع کي ماڻهن اتي ئي ڇڏيو
۽ پنهنجي گهر هليا ويا شاگردن ان مثال جي
بابت ان کان پڇيو. ۱۸ يسوع جواب ڏنو، ”چا
توهان کي ٻين وانگر سمجهه ۾ نه ٿو اچي؟ هڪ
ماڻهون جي اندر وڃڻ واري ڪائي به شيءِ
ڪنهن کي به گندو ۽ پليت ناهي ڪندي چا اها
ڳالهه توهان کي خبر ناهي. ۱۹ ان چيو ڪائي
به غذا انساني پيٽ جي اندر جي حصي ۾ داخل
ٿيندي نه ڪي دل ۾. ان کان بعد اها هڪ ناليءَ
جي ذريعي ٻاهر نڪري ويندي آهي.“ اهڙي
طرح کائڻ واري ڪائي به غذا گندي يا پليت
ناهي ٿيندي.
۲۰ ان کان علاوه يسوع انهن کي چيو، ”هڪ
انسان اندر اچڻ واري ارادو ئي گندو ۽ پليت ارادي
سان بڻائيندو آهي. ۲۱ اهي سچون خراب شيون
هڪ انسان جي اندر ۾ انسان جي اندر کا شروع
ٿينديون آهن، دماغ ۾ خراب خيالات بدڪاريان،
چوري ۽ قتل، ۲۲ زناڪاري پيئسن جي لالچ،
برائي، ڌوڪا رياڪار، حسد، چغل خوري،
غرور ۽ بيوقوفي. ۲۳ تمام خراب خصلتين خراب
خيال خراب ڳالهيون انسان جي اندر کان اچي
ماڻهون کي گندو ۽ پليت بڻائيندين آهن.“

## يسوع جي غير يهودي زال سان مدد ڪرڻ

*(متّي ۱۵: ۲۱-۲۸)*

۲۴ يسوع ان جاءِ کي ڇڏي ڪري صور شهر
جي چوطرف واري علائقي ۾ ويا. يسوع اتي
هڪ علائقي ڏانهن اندر ويو. ان جي خواهش
هئي ته اهو جهن هنڌ تي رهندو اتي جا ماڻهون
انکي موجود هئڻ جو علم نه هجي. ان جي
باوجود به ان کي لڪي ڪري رهڻ ممڪن
نه ٿيو. ۲۵ جلد ئي هڪ زال کي معلوم ٿيو ته
يسوع هُتي آهي. ان جي ننڍي ڌيءَ کي پوتن
جي اثرن سان جڪڙيل هئي. ان وجهه سان
اها عورت يسوع ڏانهن آئي ۽ ان جي قدمن ۾
ڪري ڪري ان کي سجدو ڪيو. ۲٦ اهو سيريا
جو علائقي فينليڪي ۾ پيدا ٿي هئي اها يوناني
هئي. ان يسوع کي عرض ڪيو ته منهنجي ڌيءَ
کي پوتن سان جڪڙيل آهن انهن کي اهو ٻاهر
ڪيو.
۲۷ يسوع ان زال کي چيو، ”چوڪرن کي
ڌنل ماني ڪتن جي سامهون وجهي ڇڏڻ مناسب
ناهي. ۽ پنهنجي پسند جي غذا ٻارن کي پهريان
کائڻ ڏيو.“
۲۸ زال جواب ڏنو، ”خداوند اهو سچ آهي. پر
بچيل ماني جا ٽڪرا ڪائي وڃڻ وارو ۽ انهن کان
ڪرڻ واري ماني جا ٽڪرا ميز جي هيٺان رهڻ
وارا ئي ڪتا ڪائي سگهن ٿا.“
۲۹ ان وقت يسوع ان زال کي چيو، ”تون تمام
سٺو جواب ڏنو وڃ تنهنجي ڌيءَ تي پوتن جا
سايه پري ٿي ويا آهن.“
۳۰ اها عورت جڏهن پنهنجي گهر ويئي ته چا
ڏٺائين ته ان جي ڌيءَ ڪٽولي تي سمهيل آهي ۽
ان تان پوتن جا اثر پري ٿي ويا آهن

## ٻوڙي کي شفاءِ

۳۱ پوءِ يسوع تائير شهر جي علائقي کي ڇڏي
ڪري صيدا شهر جي رستي کان دڪپلس جي
علائقي مان گذريندي گليل جي سمنڊ تي پهتو. ۳۲
جڏهن اهو اتي نه هيو ته ماڻهن هڪ ٻوڙي جي
۽ هبڪائيندڙ جي لاءِ يسوع کي عرض ڪيو ته
انهن تي هٿ ڦيرائي ڪري انهن کي تندرستي ڏي.
۳۳ يسوع ان ميڙاڪي کي الگ الگ وٺي ويو
۽ پنهنجون آڱريون انهن جي ڪنن ۾ وڌيون ۽
ٿڪي ڪري انهن جي زبان کي ڇُهيو. ۳۴ پوءِ
آسمان جي طرف ڏسي ڪري آهه ڀري ۽ چيو،
افتح افتح يعني ”کلي وڃ.“ ۳۵ انهيءَ وقت انهن
جا ڪنن کلي ويا. زبان لچڪدار ٿي ويئي ۽
بلڪل صاف ۽ واضع آواز ۾ ڳالهائڻ لڳا.

[1] ۷: ۱٦ آيت ۱٦ ڪجهه يوناني صحيفن ۾ آيت ۱٦ کي جوڙيو ويو آهي جيڪا هن طرح آهي ”توهان ماڻهون جيڪو آئون چوندو آهي ٻڌو“

٣٦ يسوع انهن ماڻھن کي سختي سان حڪم
ڪيو ته اهي ڪنهن کي به ان واقعي جي باري
۾ معلوم نه ٿي سگهي ته يسوع ماڻھن کي هدايت
ڪندو هيو. ان جي باوجود ماڻھون ان جي
باري ۾ وڌيڪ پڌرو ڪندا. ٣٧ ماڻھن جڏهن
گهڻي حيرت زده ٿي ڪري چيو، ”يسوع هر
شيءِ سٺي انداز سان ڪندو آهي ۽ اهو ٻوڙن
ماڻھن کي ٻڌڻ جي ۽ گونگن کي ڳالهائڻ جي
قابل بڻائيندو آهي.“

## يسوع جو چار هزارن کان زياده ماڻھن ۾ کاڌو تقسيم ڪرڻ

*(متّي ١٥: ٣٢-٣٩)*

٨ ١ هڪ دفعو ٻيهر يسوع سان گڏ ڪئي
ماڻھون هيا انهن وٽ کائڻ جي لاءِ
ڪجهه نه هيو يسوع پنهنجي شاگردن کي گهرايو
۽ انهن کي چيو، ٢ ”مان هنن ماڻھن تي گهڻو
ترس کائيندو آهيان هي ٽن ڏينهن کان مون سان
گڏ کائڻ جي لاءِ ڪجهه به نه آهي. ٣ ۽ چيائين
ته ڪجهه کائڻ بغير گهر جي لاءِ سفر شروع
ڪرين ته راستي ۾ ماندا ٿي ويندا. انهن ماڻھن
۾ ڪجهه اهي آهن جيڪي گهڻو پري آيا آهن.“
٤ شاگردن جواب ڏنو، ”هتان ڪوئي ويجهو
ڳوٺ ناهي؟ انهن ماڻھن جي لاءِ اسان ايتريون
مانيون ڪٿان فراهم ڪيون ته جيئن سڀ جي
لاءِ ڪافي ٿين.“
٥ يسوع انهن کان پڇيو، ” توهان وٽ ڪيترون
مانيون آهن؟“ شاگردن جواب ڏنو، ”اسان وٽ
ست مانيون آهن.“
٦ يسوع انهن ماڻھن کي زمين تي ويهڻ جي
لاءِ چيو. ان بعد انهن ستن مانين کي کڻي ۽ خدا
جو شڪر ادا ڪري انهن کي ٽڪرا ڪري
پنهنجي شاگردن کي ڏنائين ته جيئن انهن ماڻھن ۾
تقسيم ڪرن. شاگردن ايئن ئي ڪيو. ٧ شاگردن
ڪجهه ننڍڙيون مڇيون هيون. يسوع انهن مڇين
جي لاءِ خدا جو شڪر ادا ڪري انهن ماڻھن ۾
ورهائڻ لاءِ شاگردن کي هدايت ڏني.
٨ تمام ماڻھون ڍائو ٿيا. ان کان بعد ۾ پوءِ
جڏهن شاگردن کاڌي کانپوءِ بچيل ٽڪرن کي
جمع ڪيو ته انهن سان ست ڪاريون پرجي
ويون. ٩ اتي چار هزار کاڌو کائڻ وارن ۾
ڪوئي چار هزار مرد هيا جڏهن اهي کاڌي مان
فارغ ٿيا ته يسوع انهن کي موڪلي ڇڏيو. ١٠
پوءِ ان پنهنجي شاگردن سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار
ٿي ڪري دلمنوته جي علائقي ۾ ويا.

## فريسين جو يسوع کي آزمائڻ جي ڪوشش

*(متّي ١٦: ١-٤؛ لوقا ١١: ١٦، ٢٩)*

١١ فريسي يسوع کي آزمائڻ جي لاءِ ويجهو
اچي ڪري مختلف سوال ڪرڻ لڳا. انهن يسوع
کان پڇيو، ” جيڪڏهن تون خدا جي طرفان
موڪليل آهين ته تون ڪوئي آسماني نشاني ٻڌاءِ
يا معجزو ڏيکار؟ ١٢ تڏهن يسوع ٿڌو ساهه ڀري
انهن کي چيو، ”توهان ماڻھون معجزي جي باري
۾ چو ٿا پڇيو؟ آئون توهان کي سچ چوان ٿو توهان
کي ڪائي آسماني نشاني نه ڏيکاري ويندي.“ ١٣
هيڏانهن يسوع فريسين کان نڪري ڪري ٻيڙيءَ
جي ذريعي سمنڊ جي هُن پار ٻيهر هليو ويو.

## يهودي سردارن جي باري ۾ يسوع جي هدايت ۽ تاڪيد

*(متّي ١٦: ٥-١٢)*

١٤ شاگردن وٽ ٻيڙيءَ ۾ هڪ ئي ماني هئي
اهي وڌيڪ مانيون کڻي اچڻ وساري ويٺا هيا.
١٥ يسوع انهن کي تاڪيد ڪئي ”هوشيار رهو
فريسين ۽ هيروديس جي خمير جي باري ۾
خبردار رهو.“
١٦ ان ڳالهه تي شاگرد پاڻ ۾ گفتگو ۽ بحث
ڪرڻ لڳا ۽ سوچيو ته ” اسان وٽ ماني نه هجڻ
جي ڪري انهن ايئن چيو آهي.“
١٧ يسوع کي معلوم ٿي ويو ته شاگرد ان جي
باري ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ان وجهه ان
چيو، ”ماني جي نه هجڻ تي توهان چو گفتگو
ڪري رهيا آهيو؟ چا توهان نه ٿا ڏسي سگهو
چا توهان کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي؟ چا توهان جا
دل ايئن سخت ٿي ويا آهن. ١٨ جيڪڏهن توهان
اکيون رکيو ٿا ڏسي نه ٿا سگهو ۽ ڪن رکو ٿا
ٻڌي نه ٿا سگهو ان کان قبل پهريان هڪ دفعو
پهريان جڏهن اسان وٽ گهٽ مقدار ۾ مانيون نه
هيون ته آئون ان وقت چا ڪيو هيو ياد ڪريو؟
١٩ آئون پنج هزار ماڻھن جي لاءِ پنجن مانين
جا ٽڪرا ڪري توهان کي ڏنا هيم توهان کي
ياد ناهي کاڌي کان پوءِ بچيل مانين جا ٽڪرن
کي ڪيترين ڪارين پرجي ويون هيون. انهن

شاگردن جواب ڏنو، ”اسان انهن مان ٻارهن
ڪاريون ڀريون هيون.“
٢٠ آئون توهان کي چار هزار ماڻهن جي لاءِ
ست مانيون جا ٽڪرا ڪيا هيا ياد ڪريو. اهي
کائڻ کان بعد ۾ بچيل مانين ٽڪرن مان گهٽيون
ڪاريون ڀريون هيون؟ ”۽ ڪهڙي ڳالهه توهان
کي ياد ناهي“ ان تي شاگردن جواب ڏنو، ”اسان
ست ڪاريون ڀريون هيون.“
٢١ يسوع انهن کان پڇيو، ”آئون جن ڪمن
کي انجام ڏنو آهي توهان ان کي ياد رکيل آهيو
ان جي باوجود ڇا توهان ان کي نه ٿا سمجهو.؟

## يسوع جو بيت صيدا ۾ هڪ انڌهي کي نظر ڏيڻ

٢٢ يسوع ۽ ان جا شاگرد بيت صيدا ڏانهن
آيا. ڪجهه ماڻهون يسوع ڏانهن آيا هڪ انڌهي
کي ڪٺي ۽ يسوع کي گذارش ڪرڻ لڳا ته ان
انڌهي کي ڇُهيو. ٢٣ تڏهن يسوع انڌهي جو هٿ
پڪڙي ڪري ان کي ڳوٺ کان ٻاهر وٺي ويو.
پوءِ يسوع ان جي اکين ۾ ٿُڪيو
۽ ان تي پنهنجو هٿ رکي ڪري ڦيرائي
ڪري پڇيو، ”ڇا تون هاڻي ڏسي سگهين ٿو؟“.
٢٤ ان انڌهي سر مٿي ڪيو ۽ چيو، ”ها مان
ڏسي سگهان ٿو اهي وڻ وانگر نظر اچي رهيا
آهن جيڪي هيڏانهن هوڏانهن هلي ڦري رهيا
آهن.“
٢٥ يسوع وري ٻيهر ان جي اکين تي رکيو
تڏهن ان پنهنجي پورين اکين کي کوليو. ان جون
اکيون ٺيڪ ٿي ويون اهو هر شيءِ کي صاف
ڏسڻ لڳو. ٢٦ يسوع ان کي اهو چئي ڪري
موڪلي ڇڏيو ته سڌهو پنهنجي گهر وڃجاءِ. ”۽
ڳوٺ نه وڃجاءِ.“

## پطرس جو اعلان ڪرڻ ته
## يسوع ئي مسيح آهي

*(متّي ١٦: ١٣-٢٠؛ لوقا ٩: ١٨-٢١)*

٢٧ يسوع ۽ ان جا شاگرد قيصريه فلپي جي
ڳوٺ ۾ هليا ويا. سفر جي دوران يسوع انهن کان
پڇيو، ”منهنجي باري ۾ ماڻهون ڇا چوندا آهن؟“
٢٨ شاگردن جواب ڏنو، ”ڪجهه ماڻهون
توهان کي بپتسمه ڏيڻ وارو يوحنا چوندا آهن ۽
ٻيا ماڻهون ايلياه ۽ ڪجهه ماڻهون توهان کي نبين
مان هڪ چوندا آهن.“
٢٩ يسوع انهن کان پڇيو، ”منهنجي باري ۾
توهان ڇا چوندا آهيو؟“ پطرس جواب ڏنو ”تون
مسيح آهين“
٣٠ يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو، ”آئون
ڪير آهيان ڪنهن کي نه ٻڌائيندا.“

## يسوع جو پنهنجي موت جي
## باري ۾ اعلان ڪرڻ

*(متّي ١٦: ٢١-٢٨؛ لوقا ٩: ٢٢-٢٧)*

٣١ تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي نصيحت
ڪندا آهن ۽ چوندا آهن، ”ابن آدم کي گهڻيون
تڪليفون برداشت ڪرڻيون پونديون، يهودين جي
بزرگ سردار، سردار ڪاهنن ۽ شريعت جي
عالمن ابن آدم کي قتل ڪندا پر ٽيئن ڏينهن اهو
موت کان ٻيهر جيءُ اٿندو. ٣٢ آئندا پيش اچڻ
وارا سچا واقعن کي يسوع انهن کي چيو، ۽ ان
ڳالهه کي راز ۾ نه رکجو. پطرس يسوع کي ٿورو
پري وٺي ويو ان سان ڳالهه تي کلي کلايو احتجاج
ڪيو ته ” تون ڪنهن کي ايئن نه چونجاءِ“. ٣٣
تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي چوطرف ڏسي
ڪري پطرس کي دڙڪا ڏنا ته ”اي شيطان
منهنجي نظرن جي سامهون هليو وڃ! ڇالاءِ ته
تو کي خدا جي ڳالهين جو فڪر ڪونهي، پر فقط
ماڻهن جي ڳالهين جو فڪر اٿيئي!“
٣٤ پوءِ يسوع ماڻهن کي پنهنجي ويجهو
گهرايو، ان جا شاگرد اتي موجود هيا. يسوع
انهن کي چيو، ”جيڪڏهن ڪوئي چاهي ٿو ته
منهنجي پيروي ڪري ته اهو پنهنجو پاڻ کي
نفي جي مقام تي ڪٺي اچي ۽ پنهنجي صليب کي
ڪٽندي منهنجي پيروي ڪرڻ ۾ لڳي وڃي. ٣٥
اهي جيڪي پنهنجي جان بچائڻ چاهن ٿا اهي
ان کي وڃائي ويهندا جيڪو منهنجي ۽ ان جي
خوشخبري جي خاطر پنهنجي جان ڏيندو آهي
اهو ان جي حفاظت ڪندو. ٣٦ هڪ ماڻهون
جيڪو سڄي دنيا جو مالڪ آهي پر اهو پنهنجي
جان وڃائيندو آهي ته پوءِ ان کي ڪهڙو فائدو؟
٣٧ هڪ ماڻهون ٻيهر زندگي خريد ڪرڻ جي
لاءِ ڇا ڏيئي سگهندو آهي؟ ٣٨ وري يسوع چيو
بدڪار ۽ خراب نسل ۾ ڪوئي به جيڪڏهن مون
کان شرمائيندو ته جڏهن ابن آدم پنهنجي پيءُ جي
جلال ۽ ملائڪن سان گڏ ايندو ته اهو به ان کان
شرمائيندو.

٩
١ تڏهن يسوع ماڻهن کي چيو، ”آئون
توهان کي سچ چوان ٿو. هتي بيٺل
ڪجهه ماڻهون موت جو مزو چکندا جيستائين
اهو نه ڏسن ته خدا جي سلطنت، قدرت ۽
اقتدارسان گڏ رهن.“

### يسوع موسيٰ ۽ ايلياه سان گڏ

*(متّي ١٧: ١-١٣؛ لوقا ٩: ٢٨-٣٦)*

٢ ڪجهه ڏينهن کان بعد هيئن ٿيو ته يسوع
پطرس، يعقوب، ۽ يوحنا کي گڏ وٺي ڪري متي
جبل تي هليا ويا اتي انهن کان سواءِ ٻيو ڪوئي
نه هيو اهي شاگرد يسوع کي ڏسي هي رهيا ته
هو بدلجي ويو. ٣ يسوع جا ڪپڙا سفيد
چمڪي رهيا هئا. سفيد ڪپڙا تيار ڪرڻ ڪنهن
جي لاءِ ممڪن نه هيو. ٤ تڏهن موسيٰ ۽ ايلياه
اتان ظاهر ٿيا ۽ يسوع سان ڳالهيون ڪرڻ
شروع ڪيون.
٥ پطرس يسوع کي چيو، ”اي استاد اسان جو
هتي رهڻ بهتر آهي. اسان هتي ٽي تنبو نصب
ڪنداسين. هڪ توهان جي لاءِ هڪ موسيٰ جي
لاءِ هڪ ايلياه جي لاءِ.“ ٦ پطرس نه ڄاڻي پيو
ته ڇا چئون ته اهي ۽ ٻيا شاگرد زياده خوف زده
هيا. ٧ تڏهن ڪڪر آيو ۽ انهن تي ڇانون ڪئي،
ان ڪڪر مان هڪ آواز آيو ”هي منهنجو پيارو
فرزند آهي ان جا فرمانبردا ٿي وڃو.“
٨ تڏهن پطرس، يعقوب ۽ يوحنا اکيون کولي
ڪري ڏٺو ته اتي ڪوئي به نه هيو صرف
يسوع انهن سان گڏ هيو. ٩ يسوع ۽ ان جا شاگرد
جبل کان هيٺ لهي واپس اچي رهيا هئا ان انهن
کي حڪم ڏنو، ”جيڪو ڪجهه جبل تي توهان
ڏٺو آهي اهو ڪنهن کي نه چونجاءِ. ابن آدم
جي مري ڪري وري زنده ٿي ڪري اچڻ جو
انتظار ڪريو.“
١٠ اهڙي طرح شاگردن يسوع جي ڳالهه مڃي
۽ جيڪو ڪجهه ڏٺو ان جي باري ۾ ڪجهه نه
چيو. پر مرڻ کان بعد جيئُ اٿڻ جو ڇا مطلب
آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ١١
شاگردن يسوع کان پڇيو، ”شريعت جا عالم چون
ٿا ته ايلياه کي پهريان اچڻ گهرجي ان جي وجهه
ڇا آهي؟“
١٢ يسوع جواب ڏنو، ”انهن جو چوڻ صحيح
آهي ايلياه کي پهريان اچڻ گهرجي ڇالاءِ جو
جهڙي طرح ٺيڪ گهرجي اهڙي طرح هر اها
شيءِ رستي تي ڪٽي ايندا ابن آدم گهڻي تڪليفن
کي برداشت ڪندو ۽ ماڻهون ان کي ڪمتر
سمجهندا صحيفه ايئن چو چوندو آهي؟ ١٣ پر
آئون توهان کي چوان ٿو ايلياه ته ڪڏهن جو
اچي ويو آهي ۽ پوءِ وري ماڻهون پنهنجي دل
۾ جيئن چاهين ايئن ئي ان جي برائي ڪئي.
ان سان گڏ اهڙي طرح جي سلوڪ جي ڳالهه
پهريائين صحيفن ۾ لکيل هئي.“

### يسوع جو هڪ بيمار نينگريءَ کي تندرست ڪرڻ

*(متّي ١٧: ١٤-٢٠؛ لوقا ٩: ٣٧-٤٣)*

١٤ وري يسوع پطرس، يعقوب ۽ يوحنا ۽
ٻين شاگردن ڏانهن ويو ته انهن شاگردن جي
چوطرف گهڻا ماڻهون جمع هيا. شريعت جي
عالمن انهن سان بحث ڪري رهيا هئا. ١٥
جڏهن انهن ماڻهن يسوع کي ڏٺو ته هڪ ٿيا
۽ ان جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ ان جي ويجهو
پهتا.
١٦ يسوع انهن کان پڇيو، ”توهان شريعت جي
عالمن سان گڏ ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا هيا؟“
١٧ ميڙاڪي مان هڪ ماڻهون چيو، ”اي
استاد! منهنجي پٽ کي پوتن جڪڙي ويا آهن پوتن
منهنجي پٽ جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي صلاحيت
روڪي ڇڏي آهي. جنهن جي وجهه سان اُن کي
توهان ڏانهن وٺي آيو آهيان. ١٨ ۽ جتي جتي اهو
جهليس ٿو، اتي ڪنيو پٽ سان هيٺيس، ۽ هو ڳجي
پيو ڪڍي، ۽ ڏند پيو ڪرٽي، ۽ ڳريو سڙيو پيو
وڃي: مون تنهنجن شاگردن کي چيو ته هن مان
اهو ڪڍو؛ پر هو ڪڍي نه سگهيا.“
١٩ يسوع جواب ڏنو، ”اي بي اعتقاد نسل آئون
ڪيستائين توهان سان گڏ وڌيڪ ڪيتري مدّت
رهان؟“ ۽ ڪيتري مدّت برداشت ڪريان؟ ان
نينگريءَ کي منهنجي ويجهو ڪٽي اچو.“
٢٠ تڏهن شاگرد ان ڇوڪري کي يسوع
ڏانهن ڪٽي آيا. ان پوت يسوع کي ڏسي ڪري
ڇوڪري تي حملو ڪيو. اهو ڇوڪرو هيٺ
ڪريو ۽ منهن کان ڦِڪ ڪيرائيندو ترڙڻ لڳو.
٢١ يسوع ان جي پيءُ کان پڇيو، ”ڪيتري
عرصي کان اهڙي ڪيفيت آهي“؟ پيءُ ان جو
جواب ڏنو، ”ٻچپن کان ئي ايئن هوندو آهي.“ ٢٢

پوت اڪثر باهه ۾ پاڻي ۾ ڇڪندي آهي ته جيئن
ان کي ماري. جيڪڏهن توهان کان اها ڳالهه
ممڪن آهي ته برائي مهرباني ڪري اسان جي
مٿان رحم ۽ مدد ڪريو.
۲۳ يسوع ان جي پيءُ کي جواب ڏنو، ”تون
اهڙي ڳالهه ڇو ڪري رهيو آهين . جيڪڏهن
توهان کان ٿي سگهي؟ ايمان رکڻ واري ماڻهون
جي لاءِ هر ڳالهه ممڪن هوندي آهي.“
۲۴ ان ڇوڪري جي پيءُ پر جوشي سان
جواب ڏنو، ”مان يقين ڪريان ٿو. ۽ وڌيڪ
پختي يقين جي لاءِ مون جي مدد ڪر.“
۲۵ اتي پيش آيل واقعن کي ڏسڻ وارن تمام
ماڻهون پري کان پجندا آيا ان وجهه سان يسوع
ان پوت کي چيو، ”اي پوت! تون هڪ ڇوڪري
کي گونگو ۽ ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي. مان تو کي
حڪم ڏيان ٿو ته ان ڇوڪري کان ٻاهر اچ ۽ ان
۾ ٻيهر داخل نه ٿينجاءِ.“
۲۶ اها پوت هلي ويئي. اها پوت وري ان
ڇوڪري کي هيٺ ڪيرائي ٻاهر نڪري آئي
اهو ڇوڪرو مردي وانگر ڪريل هيو ماڻهن
سمجهيو ته ” اهو مري ويو آهي.“
۲۷ پر يسوع ان ڇوڪري جو هٿ پڪڙي
ڪري اٿاريو ۽ بيهارڻ ۾ مدد ڪئي.
۲۸ يسوع جڏهن گهر ۾ هليو ويو ته ان جي
شاگردن اڪيلائيءَ ۾ ان کان خلاصو پڇيائينس
”ان پوت کي نجات ڏيارڻ اسان کان ڇو ممڪن
نه ٿي سگهيو“؟
۲۹ يسوع جواب ڏنو، ”اهڙي قسم جي پوتن
کي دعا جي ذريعي ئي ڇٽڪارو ڏياري سگهبو
آهي.“

## پنهنجي موت جي باري ۾ يسوع جو اعلان

*(متي ۱۷: ۲۲-۲۳؛ لوقا ۹: ۴۳-۴۵)*

۳۰ ان کان بعد يسوع ۽ ان جا شاگرد ان هنڌ
کان نڪري ڪري گليل جي رستي سفر ڪيو.
يسوع جو مقصد اهو هيو ته ماڻهن کي ان ڳالهه
جو اندازو نه ٿي ته هو ڪٿي آهي. ۳۱ ڇالاءِ
جو اهو پنهنجي شاگردن کي اڪيلائي ۾ يقين
ڏيارڻ چاهي پيو. يسوع انهن کي چيو، ”ابن آدم
جا ماڻهن جي حوالي ڪيو ويندو. ۽ ماڻهون ان
کي قتل ڪندا. قتل ٿيڻ جي ٽنئين ڏينهن اهو زنده
ٿي ڪري ٻيهر ايندو.“ ۳۲ پر يسوع شاگردن کي
جيڪو چيو اهو ان جو مطلب سمجهي نه سگهيا.
۽ ان ڳالهه کي اهي پڇندي ئي گهٻرائي رهيا هيا.

## يسوع جو چوڻ ته سڀ کان وڏو ڪير آهي؟

*(متي ۱۸: ۱-۵؛ لوقا ۹: ۴۶-۴۸)*

۳۳ يسوع ۽ ان جا شاگرد ڪفرناحوم ويا. اهي
جڏهن هڪ گهر ۾ هيا ته ان پنهنجي شاگردن
کان پڇيو، ”اڄ رات توهان رستي ۾ بحث ڪري
رهيا هئا اهو آئون ٻڌي توهان ڪنهن جي متعلق
بحث ڪري رهيا هيا؟“ ۳۴ پر شاگردن ڪوئي
جواب نه ڏنو ڇالاءِ جو اهي پاڻ ۾ بحث ڪري
رهيا هيا ته ان ۾ سڀ کان وڏو ڪير آهي.
۳۵ يسوع ويهي رهيو ۽ ٻارهن رسولن کي
گهرائي چيو، ”توهان مان اگر ڪوئي ماڻهون
وڏو ٿيڻ چاهي ٿو ته ان کي گهرجي ته اهو ان
سڀ جو خيال پاڻ کان وڌيڪ سمجهي ۽ ان جي
خدمت ڪري“.
۳۶ پوءِ يسوع هڪ ننڍڙي ٻار کي سڏ ڪري
ٻار کي شاگردن جي سامهون بيهاري ڪري ان
کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي ڪري انهن کي چيو، ۳۷
جيڪو ڪوئي منهنجي نالي تي ٻارن مان هڪ
کي قبول ڪندو آهي ته اهو مون کي قبول ڪندو
آهي. ۽ جيڪو ڪوئي مون کي قبول ڪندو آهي
چاهي اهو مون کي ناهي بلڪه ان کي قبول
ڪري ٿو جنهن مون کي موڪليو آهي.“

## جيڪو اسان جو دشمن ناهي اهو دوست ئي آهي

*(لوقا ۹: ۴۹-۵۰)*

۳۸ ان وقت يوحنا ان کي چيو، ”اي استاد!
ڪنهن شخص کي تنهنجي نالي توسط کان
(جنُ) پوت کان ڇٽڪارو ڏياريندو آهي اسان
ڏنو آهي. جڏهن ته اهو اسان جي ماڻهن
مان نه آهي. ان وجهه سان اسان کي چيو
ته رڪ ڇالاءِ جو ڇالاءِ جو اهو اسان جي
گروهه سان تعلق ناهي رکندو.“
۳۹ يسوع انهن کي چيو، ”ان کي نه روڪيو
منهنجو نالو وٺي ڪري معجزو ڏيکاريندو. اهو
منهنجي باري ۾ خراب ڳالهيون نه ڪندو. ۴۰
جيڪو شخص اسان جو مخالف ناهي اهو اسان
سان گڏ آهي. ۴۱ مان توهان کي سچ چوان‌دو
آهيان ته توهان کي اگر ڪوئي مسيحي سمجهي

ڪري پيئڻ جي پاڻي ڏيئي ته ضرور ان کي ان
جي نيڪي جو بدلو ملندو.

## يسوع جو گناهه ڪرائڻ جي متعلق انتباه

*(متّي ١٨: ٦-٩؛ لوقا ١٧: ١-٢)*

٤٢ ”۽ ننڍڙا ٻار جن جو مون تي ايمان آهي،
تن مان ڪنهن کي به جيڪو گمراهه ڪندو،
تنهن جي لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته هن جي ڳچيءَ
۾ جنڊ جو پڙ لڙڪائي سمنڊ ۾ اُڇلايو وڃي. ٤٣
۽ جيڪڏهن تنهنجو هٿ توکي ڦُلائي، ته وڍي
ڇڏينس: تنهنجو ٽنڊوئي ٿيڻ زندگي جي ۾ داخل
ٿيڻ، انهيءِ کان بهتر آهي ته ٻن هٿن سان جهنم
جي اڻ وسامندڙ باهه ۾ پوين؛ ٤٤[1](جتي هنن جو
ڪيئون مري ئي نٿو ۽ جتي باهه وسامي ئي
نٿي.) ٤٥ ۽ جيڪڏهن تنهنجو پير توکي گمراهه
ڪري، ته وڍي ڇڏينس: تنهنجي لاءِ منڊوئي جياپي
۾ داخل ٿيڻ انهي کان بهتر آهي ته ٻن پيرن سان
جهنم ۾ وڃي پوين؛ ٤٦ (جتي هنن جو ڪيئون
مري ئي نٿو ۽ جتي باهه وسامي ئي نٿي.)[2] ٤٧ ۽
جيڪڏهن تنهنجي اک توکي گمراهه ڪري ته
ڪڍي ڇڏينس: بهتر آهي ته تون ڪاڻو ئي خدا
جي بادشاهت ۾ گهڙين؛ انهي کان ته ٻن اکين سان
جهنم ۾ وڃي پوين؛ ٤٨ (جتي هنن جو ڪيئون
مري ئي نٿو ۽ جتي باهه وسامي ئي نٿي).
٤٩ ”هر ماڻهون کي باهه جي سزا ڏني ويندي.
٥٠ ”ان چيو، ”لوڻ هڪ بهترين شيءِ آهي
جيڪڏهن پنهنجي سواد کي ضايع ڪري ته
توهان ان کي وري پيهر لوڻ نٿا ناهي سگهو.
انهيءَ وجهه سان توهان سٺائيءَ ڪرڻ وارا بڻو.
۽ هڪ ٻئي سان گڏ امن سان رهو“.

## يسوع جي طلاق جي باري ۾ تعليم ڏيڻ

*(متّي ١٩: ١-١٢)*

١٠ ١ تڏهن يسوع ان جڳهه کان روانو
ٿي ڪري يهوداه جي علائقي ۾ ۽
پوءِ درياءِ يردن جي هُن پار ويا. ماڻهن جي
هڪ وڏو ميڙاڪو پيهر انهن ڏانهن آيو ۽ يسوع
انهن کي هميشه جي طرح تعليم ڏيڻ لڳو.

٢ ڪجهه فريسي يسوع ڏانهن آيا ۽ ان کي
آزمائڻ لڳا ۽ پڇيائون، ”ڇا ڪنهن جو پنهنجي
زال کي طلاق ڏيڻ صحيح آهي؟“
٣ يسوع جواب ڏنو، ”موسيٰ توهان کي ڪهڙو
حڪم ڏنو هيو؟“
٤ فريسين جواب ڏنو، ”موسيٰ چيو آهي ته
جيڪڏهن ڪوئي شخص پنهنجي زال کي طلاق
ڏيڻ چاهي ته اهو پنهنجي زال کي طلاق نامو
لکي ڪري طلاق ڏيئي سگهي ٿو.“
٥ يسوع چيو، ”خدا جي تعليمات قبول ڪرڻ
جي بجاءِ انڪار ڪرڻ ڪان موسيٰ توهان کي
اهو حڪم ڏنو آهي. ٦ جڏهن خدا انسانن کي پيدا
ڪيو ته مرد ۽ عورت جي شڪل ۾ پيدا ڪيو،[3]
٧ انهيءَ وجهه جي ڪري مرد ماءُ پيءُ کي
ڇڏي ڪري عورت کي زال بڻايو. ٨ پوءِ وري
اهي ٻئي هڪ بڻجي ويا.[4] جنهن جي وجهه سان
اهي ٻئي الگ ناهن بلڪه هڪ ئي هوندا آهن. ٩
اهڙي طرح جڏهن خدا انهن ٻنهن کي ملايو آهي
ته ڪوئي به انسان اُن کي جدا نه ڪري.“
١٠ يسوع ۽ ان جا شاگرد جڏهن گهر ۾ هيا
شاگردن يسوع کان طلاق جي مسئلي جي باري ۾
پيهر پڇيو. ١١ يسوع انهن کي جواب ڏنو، ”جيڪو
پنهنجي زال کي ڇڏي ڪري ٻي عورت سان
شادي ڪري ته پنهنجي زال جي خلاف زناڪار
ڪندو آهي. ١٢ ۽ چيو ته هڪ زال جيڪا
پنهنجي مڙس کي طلاق ڏي ۽ ٻئي مرد سان شادي
ڪري ته اها به حرام ڪاري ۾ ڏوهاري هوندي.“

## يسوع جو ٻارن کي قبول ڪرڻ

*(متّي ١٩: ١٣-١٥؛ لوقا ١٨: ١٥-١٧)*

١٣ ماڻهون پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي يسوع
ڏانهن وٺي آيا يسوع انهن کي ڇُهيو پر شاگردن
اهو چوندي ماڻهن کي دڙڪا ڏنا ته اهي پنهنجي
ٻارن کي نه وٺي اچن. ١٤ اهو ڏسندي ئي يسوع
غصي ۾ انهن کي چيو، ”ننڍڙن ٻارن کي مون
ڏانهن اچڻ ڏيو ۽ انهن کي نه روڪيو ڇالاءِ جو
خدا جي بادشاهت انهن ٻارن وانگر آهي. ١٥
آئون توهان کي سچ چوان ٿو ته توهان خدا
جي بادشاهيءَ کي ٻار وانگر قبول نه ڪندءُ ته

[1] **٩: ٤٤ آيت ٤٤** ان آيت کي ڪجهه يوناني نسخن ٤٤ آيت ئي تسليم ڪيو آهي. ۽ آيت ٤٨ آيت ئي آهي.
[2] **٩: ٤٦ آيت ٤٦** ان آيت کي ڪجهه يوناني نسخن ٤٦ آيت ئي تسليم ڪيو آهي ۽ ٤٨ آيت آهي.

[3] **١٠: ٦** اقتباس پيدائش ١: ٢٧، ٥: ٢
[4] **١٠: ٨** اقتباس پيدائش ٢: ٢٤

توهان ان ۾ ڪڏهن به داخل نه ٿي سگهندءُ.“ ١٦
تڏهن يسوع انهن ٻارن کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي
ڪري سيني سان لڳايو ۽ انهن جي مٿان پنهنجو
هٿ رکي ڪري انهن کي دعائون ڏنيون.

## هڪ شاهوڪار جي يسوع جي پيروي نه ڪرڻ

*(متي ١٩: ١٦-٣٠؛ لوقا ١٨: ١٨-٣٠)*

١٧ يسوع اتان نڪرڻ چاهي پيو پر ايتري ۾
هڪ ماڻهون ڊوڙيندو ان جي سامهون پنهنجا
گوڏا کوڙي ڇڏيا ان شخص چيو، ”اي سٺا استاد
هميشه جي زندگي پائڻ جي لاءِ مون کي ڇا
ڪرڻ گهرجي.“
١٨ اهو ٻڌي ڪري يسوع چيو، ”تون مون کي
نيڪ ماڻهون ڪري ڇو ٿو سڏين؟ صرف خدا
ئي نيڪ آهي. ١٩ جيڪڏهن تون هميشه جي
زندگي چاهين ٿو ته جيڪو تون ڄاڻين ٿو ان جي
پيروي ڪر ته تو کي حڪمن جو علم هوندو.
قتل نه ڪر، زنا نه ڪر، چوري نه ڪر، ڪوڙ
نه ڳالهاءِ، ۽ ڪنهن ماڻهون کي ڌوکو نه ڏي ۽ تو
پنهنجي والدين جي عزت ڪر.“
٢٠ ان جواب ڏنو، ”اي استاد مان ته ٻچپن
کان ئي انهن حڪمن جي پابنديءَ ڪري رهيو
آهيان.“
٢١ يسوع ان ماڻهون کي محبت ڀريل نگاهن
سان ڏٺو ۽ چيو، ”تو کي هڪ ڪم ڪرڻو آهي،
وڃ ۽ پنهنجي جائيداد کي وڪڻي ڇڏ ۽ ان مان
ملڻ واري پوري رقم کي غريبن ۾ ورهائي ڇڏ
آسمان ۾ ان جو سٺو اجر ملندءُ پوءِ اچي ڪري
منهنجي پيروي ڪنجاءِ.“
٢٢ يسوع جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪري ان
جي چهري تي مايوسي ڇائجي ويئي ۽ اهو
شخص مايوس ٿي ڪري هليو ويو. ڇالاءِ جو
اهو گهڻو شاهوڪار هيو ۽ پنهنجي جائيداد کي
قائم رکڻ چاهي پيو.
٢٣ تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن جي طرف
ڏسي ڪري چيو، ”شاهوڪار ماڻهون خدا جي
بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ گهڻو مشڪل آهي.“
٢٤ يسوع جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڪري
شاگرد حيران ٿي ويا. پر يسوع ٻيهر چيو،
”منهنجا ٻار! خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ تمام
مشڪل آهيءَ ٢٥ خدا جي بادشاهت ۾ دولتمند جي
گهڙڻ کان سئيءَ جي ڀاڪي مان لنگهڻ وڌيڪ
سولو آهي.“
٢٦ شاگرد وڌيڪ حيران ٿي ڪري هڪ ٻئي
کي چوڻ لڳا، ”پوءِ ڪير بچايا ويندا؟“
٢٧ يسوع پنهنجي شاگردن جي طرف ڏٺو ۽
چيائين، ” اها ڳالهه ٻڌي ڪري ته انسانن جي لاءِ
مشڪل آهي پر خدا جي لاءِ ناهي خدا جي لاءِ
هر شيءِ ممڪن آهي.“
٢٨ پطرس يسوع کي چيو، ”تنهنجي پويان هلڻ
جي لاءِ ته سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو آهي!“
٢٩ يسوع چيو، ”آئون توهان کي سچ
چوان ٿو ته جيڪو شخص منهنجي خاطر ۽
خوشخبريءَ جي لاءِ پنهنجا گهر يا ڀائر يا
ڀيئنر يا ماءُ پيءُ ٻار زمين کي قربان ڪري
ڇڏيو ته. ٣٠ اهو سُو ڀيرا زياده اجر پائيندو.
هن دنيا جي زندگي ۾ اهو شخص ڪئي گهرن
کي ڀائرن کي ڀيئنرن کي مائرن کي، ٻارن
کي ۽ پنهنجي زمين جي ٽڪرن کي پائيندو.
پر ظلم ۽ زيادتي سان گڏ. ان کان علاوه اچڻ
واري دنيا ۾ هميشه جي زندگي پائيندو. ٣١ ۽
وري چيو ته اهو گهڻا ماڻهون جيڪي پهريان
وارن ۾ آهن. اهي بعد وارن ۾ ٿي ويندا ۽
جيڪي بعد وارن ۾ آهن اهو پهريان وارن ۾
ٿي ويندا.“

## يسوع جو پنهنجي موت جي باري ۾ ٽيون اعلان

*(متي ٢٠: ١٧-١٩؛ لوقا ١٨: ٣١-٣٤)*

٣٢ يسوع ۽ اهي ماڻهون جيڪي ان سان گڏ
هيا يروشلم جي لاءِ وڃي رهيا هيا يسوع انهن
جي نمائندگي ڪري رهيو هيو. ان جا شاگرد
حيران ۽ پريشان هيا. ۽ جيڪي ماڻهون انهن جي
پويان اچي رهيا هيا اهي به خوف زده ٿيا. يسوع
پنهنجي ٻارهن رسولن کي ٻيهر ڪٺو ڪيو انهن
سان اڪيلائي ۾ ڳالهه ڪئي. يسوع يروشلم ۾
پاڻ سان گڏ پيش اچڻ وارن واقعن جي باري ۾
ٻڌائڻ شروع ڪيو.
٣٣ ”اسان يروشلم وڃي رهيا آهيون. ابن آدم
کي ڪاهنن جي رهنمائي ۽ شريعت جي عالمن
جي حوالي ڪيو ويندو. اهي ان کي موت جي
سزا ڏيئي قتل ڪندا ۽ ان کي غير يهودين جي
حوالي ڪندا. ٣٤ اهي ماڻهون ان کي ڏسي
ڪري ان جي مذاق اڙائيندا ۽ ان تي ٿڪندا ۽ ان

ڪي چھبڪن سان ماريندا پوءِ ان کي قتل ڪندا.
پر اهو ٽئين ڏينهن ئي جيئُ اٿندو.“

## يعقوب ۽ يوحنا جي خصوصي گذارش

(متي ٢٠: ٢٠-٢٨)

٣٥ وري زبدي جي پٽ يعقوب ۽ يوحنا ٻئي
يسوع ڏانهن آيا ۽ چيائون، ” اي استاد! اسان
چاهيون ٿا ته اسان جي گذارش پوري ڪريو.“
٣٦ يسوع پڇيو، ”توهان جي ڪهڙي خواهش
مون کي پوري ڪرڻ گهرجي؟“
٣٧ انهن ٻنهن جواب ڏنو، ”جڏهن تون پنهنجي
بادشاهت ۾ جلال سان رهندين ته اسان مان هڪ
کي ساڄي هٿ جي طرف ۽ ٻئي کي کابي هٿ
جي طرف ويهارڻ جي مهرباني ڪنجاءِ.“
٣٨ يسوع چيو توهان نه ٿا ڄاڻو، ”ها اسان جي
لاءِ ممڪن آهي“ يسوع انهن کي چيو، ”توهان
به اهڙي طرح ڏک ڪٽدءُ جهڙي طرح مان ڪٽي
رهيو آهيان توهان جو ٻپتسمه وٺڻ ممڪن ٿي
سگهندو؟ ٣٩ انهن جواب ڏنو، ”ها اسان جي لاءِ
ممڪن آهي“ يسوع انهن کي چيو، ”توهان به
اهڙي طرح ڏک ڪٽندا جهڙي طرح آئون ڪٽي
رهيو آهيان مون کي جيڪا ٻپتسمه وٺڻي آهي
چا اها توهان وٺندا؟ ٤٠ منهنجي ساڄي ۽ کابي
طرف چوند ڪرڻ وارو آئون نه آهيان اها جڳهه
جن جي لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي اها جاءِ انهن
جي لاءِ تيار ڪيل آهي. اها انهن جي لاءِ محفوظ
ڪئي ويئي آهي.“
٤١ ٻين ڏهن شاگردن اها ڳالهه ٻڌي ڪري
يعقوب ۽ يوحنا تي غصو ڪيو.
٤٢ يسوع تمام شاگردن کي هڪ ساٿ گڏ
گهرائي ڪري چيو، ”غير يهودين جا اهي سردار
جن کي ماڻهون تي اختيار آهي ۽ انهن اختيارن
کي اهي ماڻهون کي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا
آهن. توهان ڄاڻو ٿا ته اهي سردار ماڻهن تي
پنهنجي قوت جو اظهار ڪرڻ جي خواهش
رکندا آهن ۽ انهن اهم سردار ماڻهن تي پنهنجا
اختيارات استعمال ڪرڻ جي چاهت رکندا آهن.
٤٣ پر توهان مان اهڙو ڪوئي نه آهي. بلڪه
جيڪو توهان ۾ وڏو ٿيڻ چاهي اهو توهان جو
نوڪر ٿي. ٤٤ توهان مان سڀ کان اهم ٻڻجڻ
جي لاءِ خواهش رکڻ وارو اهو هڪ نوڪر
جي طرح توهان سڀن جي خدمت ڪري.“ ٤٥
اهڙي طرح ابن آدم ماڻهن جي خدمت وٺڻ جي
لاءِ ناهي آيو بلڪه ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي
لاءِ آيو آهي. ابن آدم خود پنهنجي جان ڏيڻ جي
لاءِ آيو آهي. ته جيئن ماڻهون بچي سگهن.

## انڌهي کي روشني ڏيڻ

(متي ٢٠: ٢٩-٣٤؛ لوقا ١٨: ٣٥-٤٣)

٤٦ تڏهن اهي سڀ يريحو جي ڳوٺ ۾ آيا
يسوع پنهنجي شاگردن ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن سان
گڏ ڳوٺ کي ڇڏي ڪري نڪري رهيا هيا.
تومائي جو پُٽ برتمائي جو انڌها هيو. رستي جي
ڪناري تي ويهي پنئي رهيو هيو. ٤٧ جڏهن ان
ٻڌو يسوع ناصري هن رستي کان گزرندو آهي
ته ان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ”اي يسوع
دائود جا پُٽ مون تي ڪرم فرماءِ.“
٤٨ ڪئي ماڻهن ان انڌهي کي دڙڪا ڏنا ۽
چيو، ”خاموش رهه پر اهو انڌهو وڌيڪ زور
سان رڙيون ڪرڻ لڳو اي يسوع دائود جا پُٽ
مون تي ڪرم فرماءِ!“
٤٩ يسوع رڪي ڪري چيو، ”ان کي سڏ
ڪيو“ انهيءَ انڌهي کي گهرايو ۽ چيو، ” خوش
ٿي اٿي بيهه چالاءِ جو يسوع تو کي گهرائي
رهيو آهي.“ ٥٠ اهو انڌهو هڪدم اٿي بيٺو ۽
پنهنجا ڪپڙا ڦٽي ڪري يسوع ڏانهن آيو.
٥١ يسوع ان کان پڇيو، ”آئون ڪان تون چا ٿو
چاهين؟“ تڏهن ان انڌهي جواب ڏنو، ”انڌي چيس
ته اي ربوني، اهو ته آئون ڏسان وائسان.“
٥٢ يسوع ان کي چيو، ” وڃ تنهنجي ايمان جي
وجهه سان تون شفاياب آهين.“ تڏهن اهو شخص
ٻيهر ڏسڻ جي قابل ٿيو. اهو يسوع جي پويان
رستي تي هلڻ لڳو.

## يسوع جو بادشاهن وانگر يروشلم ۾ داخل ٿيڻ

(متي ٢١: ١-١١؛ لوقا ١٩: ٢٨-٤٠؛
يوحنا ١٢: ١٢-١٩)

١١ ١ يسوع ۽ ان جا شاگرد يروشلم جي
ويجهو اچي چڪا هئا. اهي زيتونن
جي جبل جي ويجهو بيت فگي ۽ بيت عنياه
جهڙين شهرن جي ويجهو آيا اتان کان يسوع
پنهنجي شاگردن ۾ ٻن کي ڪجهه ڪرڻ جي
لاءِ ورانو ڪيو. ٢ يسوع شاگردن کي چيو،
اتي نظر اچڻ واري ڳوٺ هليا وڃو. جڏهن

توهان ان ڳوٺ ۾ داخل ٿيندا ته اتي توهان هڪ
اهڙي گڏهه جي ٻچي کي ٻڌل پائيندءُ ته جنهن
تي ڪڏهن ڪنهن به سواري نه ڪئي آهي.
ان کودڙي کي کولي ڪري مون ڏانهن وٺي
اچيوس. ۳ جيڪڏهن توهان کان ڪوئي پڇي ته
ايئن ڇو ڪري رهيا آهيو ته چونجو ته خداوند
کي هن جي ضرورت آهي. ۽ ان کي جلد ئي
واپس موڪلي ڇڏيندانسين.“
۴ شاگرد جڏهن ڳوٺ ۾ داخل ٿيا ته رستي ۾
ملڻ واري هڪ گهر ۾ هڪ گڏهه سان هڪ
ٻچي کي انهن ڏٺو، شاگرن وڃي ڪري ان کي
کوليو ته. ۵ اتي بيٺل ڪجهه ماڻهن پڇيو، توهان
ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ۽ ان گڏهه کي ڇو کولي
رهيا آهيو؟.“ ۶ يسوع جيڪو ڪجهه شاگردن
چيو هيو اهي اوئين ئي جواب ڏنا. لهاذه ماڻهن ان
گڏهه کي شاگردن کي وٺي وڃڻ لاءِ ڏنو.
۷ شاگرد گڏهه کي يسوع ڏانهن وٺي آيا ۽
پنهنجا ڪپڙا ان جي مٿان وجهي ڇڏيائون تڏهن
يسوع ان جي مٿس ويٺو. ۸ گهڻا ماڻهون يسوع
جي لاءِ رستي تي ڪپڙا وڇائي ڇڏيا ۽ ٻين
ڪجهه ماڻهن وڻن جو ٽاريون رستي ۾ وڇائي
ڇڏيون. جن کي انهن وڻن مان ڪٽيو هيون. ۹
ڪجهه ماڻهون ته يسوع جي سامهون وڃي رهيا
هئا. ۽ ڪجهه ماڻهون ان جي پويان هلي رهيا
هئا. ۽ تمام ماڻهون نعرا لڳائڻ لڳا ته
ان جي وڏائي بيان ڪريو،

”خداوند جي نالي سان اچڻ واري کي خدا
مبارڪ ڇئو! زبور ۱۱۸: ۲۵-۲۶
۱۰ خدا جي رحمت اسانجي پيءُ داوئود
جي بادشاهت تي هجي ۽ اها وري
بادشاهت اچي رهي آهي. خدا جي وڏائي
آسمان ۾ ڪريو.“

۱۱ يسوع جڏهن يروشلم ۾ داخل ٿيو اهو
هيڪل ۾ ويو ۽ اتي جي هر شيءِ کي ڏٺائين
پر ان وقت تائين دير ٿي ويئي هئي. انهيءَ لاءِ
يسوع ٻارهن رسولن سان گڏ بيت عنياه ۾ ويو.

## يسوع چوندو آهي ته انجير جو وڻ مري ويندو

*(متّي ۲۱: ۱۸-۱۹)*

۱۲ ٻئي ڏينهن جڏهن يسوع بيت عنياه مان
وڃي رهيا هئا ته انهن کي بک لڳي هئي. ۱۳
ان ڪجهه فاصلي تي پنن سان ڀريل هڪ انجير
جو وڻ ڪي وٺو. اهو هي سمجهي ڪري ته وڻ
۾ ڪجهه انجير ملندا ان جي ويجهو ويا پر وڻ
۾ اهي انجير نه پاتو. اتي صرف پن هئا. ڇالاءِ
جو ته اهو انجير جي موسم ئي نه هئي. ۱۴ تڏهن
يسوع ان وڻ کي چيو، ”ان کان پوءِ وري ماڻهون
تنهنجو ڦل ڪڏهن نه کائيندا.“ شاگردن يسوع جي
اها ڳالهه چوندي ٻڌي.

## يسوع جو هيڪل ڏانهن وڃڻ

*(متي ۲۱: ۱۲-۱۷؛ لوقا ۱۹: ۴۵-۴۸؛
يوحنا ۲: ۱۳-۲۲)*

۱۵ يسوع ۽ ان جا شاگرد يروشلم پهتا يسوع
هيڪل ۾ داخل ٿيو اتي انهن ماڻهن کي خريد و
فروخت کي ڏٺو ۽ سوداگرن جي صندلي جي
طرف پلٽيا جيڪا مختلف قسم جي رقم جو تبادلو
ڪري رهيو هيو. ۽ هير ڦير ڪري روپيه جمع
ڪري رهيا هئا ۽ ڪبوتر فروخت ڪري رهيا
هئا. ۱۶ ان ڪنهن کي به هيڪل جي رستي کان
شين کي ڪڻڻ جي اجازت نه ڏني. ۱۷ ان کان
بعد يسوع انهن کي تعليم ڏني، ”منهنجو گهر تمام
ماڻهن جي لاءِ عبادتگاهه سڏائيدو.“[1] اهڙي طرح
صحيفن ۾ لکيل آهي ۽ چيائين ته توهان ماڻهون خدا
جي گهر کي ڌاڙيلن جي پاٽاري ڪٽي ٻڌايو آهي.[2]
۱۸ سردار ڪاهن ۽ شريعت جي عالمن انهن
واقعن کي ٻڌي ڪري يسوع کي قتل ڪرائڻ جي
لاءِ مناسب وجهه جي فڪر ۾ شروع ٿي ويا.
اهي يسوع جي تعليمات کي ٻڌي ڪري بي انتها
حيرت زده هئڻ جي وجهه جي ڪري يسوع
کان گهبرائي ويا. ۱۹ ان رات يسوع ۽ ان جي
شاگردن شهر کي ڇڏيو.

## يسوع جو ايمان ۽ عقيدي جي طاقت رکڻ

*(متّي ۲۱: ۲۰-۲۲)*

۲۰ ٻئي ڏينهن صبح جو يسوع پنهنجي شاگردن
سان گڏ وڃي رهيا هئا. پوئين ڏينهن جنهن انجير
جي وڻ کي يسوع بدعا ڏني هئي ان کي شاگرد
ڏٺو اهو انجير جو وڻ پاڙ تائين سڪي ويو هيو.

---
[1] ۱۱: ۱۷ اقتباس يسعياه ۵۶: ۷
[2] ۱۱: ۱۷ اقتباس يرمياه ۷: ۱۱

۲۱ پطرس ان وڻ کي ياد ڪري يسوع کي چيو،
”اي استاد ڏسو! ڪلھ جنھن انجير جي وڻ تي
لعنت ڪئي ھئي اھو وڻ ھاڻي تائين سڪل آھي.“
۲۲ يسوع چيو، ”خدا تي ايمان رکو“ ۲۳ آئون
توھان کي سچ چوندو آھيان. توھان ان پھاڙ
چئو ته تون وڃي سمنڊ ۾ ڪر جيڪڏھن توھان
بغير شڪ و شبه جي يقين ڪريو. ته توھان
جيڪو ڪجھه چيو آھي اھو يقينن پورو ٿيندو.
خدا توھان جي لاءِ ان کي مبارڪ ڪندو. ۲۴
آئون توھان کي چوان ٿو ته دعا ڪريو. ۽ ايمان
رکيو اھو سڀ ملي ويندو ته يقينن ڪريو ته اھو
توھان جو ئي ھوندو. ۲۵ ۽ اھو چوندي جواب
ڏنو، ”جڏھن توھان دعا ڪرڻ جي تياري ڪريو
۽ توھان ڪنھن تي ڪنھن وجھه سان غضو ۽
ناراض آھيو، جيڪڏھن توھان کي اھا ڳالھه
ياد اچي وڃي ته ان کي معاف ڪري ڇڏيو ته
آسمان تي رھڻ وارو توھان جو پيءُ توھان جي
گناھن کي معاف ڪندو.“ ۲۶[1]

## يسوع جي اختيارن جي باري ۾ يھودي سردارن جو شڪ ڪرڻ

*(متي ۲۱: ۲۳-۲۷؛ لوقا ۲۰: ۱-۸)*

۲۷ يسوع ۽ شاگرد پيھر يروشلم ويا. يسوع
جڏھن ھيڪل ۾ چھل قدمي ڪري رھيو ھيو
ته سردار ڪاھن ۽ شريعت جا عالم ۽ بزرگ
يھودي سردار ان ڏانھن آيا ۽ ان کان پڇيائون.
۲۸ اھي بيان ڪرڻ لڳا، ”اھڙو ڪھڙو اختيار
توھان وٽ آھي ته جنھن تي توھان اھو سڀ
ڪجھه ڪندا آھيو؟ ۽ اھو اختيار توھانکي
ڪنھن ڏنو آھي؟ اسان کي ٻڌاءِ.
۲۹ يسوع انھن کي چيو، ”آئون به توھان کان
ھڪ سوال پڇيان ٿو. جيڪڏھن توھان منھنجي
سوال جو جواب ٻڌائيندا ته آئون توھان کي
ڪنھن جي اختيارن سان اھو سڀ ڪجھه ڪندو
آھيان ٻڌائيندس. ۳۰ مون کي معلوم ڪرايو ته
يوحنا ماڻھن کي بپتسمه ڏني ته اھو خدا جي
اختيار مان ھيو يا ماڻھن جي اختيار سان؟“
۳۱ يھودين سردارن ان سوال جي باري ۾ ڳالھه
ڪندي ھڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ۳۲ ”جيڪڏھن
اسان ھيئن چئون ته يوحنا ماڻھن کي خدا جي
اختيار سان بپتسمه ڏني ته ان وقت ماڻھون غصه
ٿي ويندا چالاءِ جو ماڻھن جو ايمان آھي ته يوحنّا
نبي ھيو. اھڙي طرح اھي پاڻ ۾ ڳالھيون ڪرڻ
لڳا. جنھن جي وجھه سان ماڻھون خوفزده رھيا.
۳۳ جنھن جي وجھه سان انھن يسوع کي
جواب ڏنو ته اسان نه ٿا ڄاڻون
يسوع انھن کي جواب ڏنو، ”جيڪڏھن ايئن
آھي ته آئون به توھان کي ڪنھن جي اختيار
سان انھن تمام ڪمن کي ڪري رھيو آھيان اھو
توھان کي نه چوندس.“

## خدا جي پُٽ جي آمد

*(متّي ۲۱: ۳۳-۴٦؛ لوقا ۲۰: ۹-۱۹)*

۱۲ ۱ يسوع ماڻھن کي مثالن جي ذريعي
تعليم ڏني ۽ انھن کي چيو، ”ھڪ
ماڻھون جو پنھنجو ذاتي باغ ھيو. ۽ ان پنھنجي
باغ ۾ ڊاک جو فصل لڳايو. باغ جي چوطرف
ديوارون تعمير ڪئي ڊاک جي ڦل کي تيار
ڪرائڻ جي لاءِ کڏا کوٽايا ۽ نگراني جي لاءِ
ٿلھه ٺاھرايو. اھو ان باغ کي ڪجھه آبادگارن
کي ٺيڪي تي ڏنو ۽ ٻئي سفر ڏانھن ھليو ويو.
۲ جڏھن ڊاک کي توڙڻ جو وقت آيو ته ان
نوڪرن کي پنھنجو حصو وٺڻ لاءِ ھارن ڏانھن
موڪليو. ۳ تڏھن ائين ٿيو ته ان آبادگارن ان
نوڪرن کي پڪڙي ڪري ۽ ھڪ کي مار به
ڏنائون ۽ ٻي کي ماري به ڇڏيائون ۽ ٽئين نوڪر
کي پھڻ ھڻي ماري ڇڏيائون. ۴ انھي لاءِ ان
جيترا پھريان نوڪر موڪليا ھئا ان کان وڌيڪ
نوڪر ان آبادگارن ڏانھن موڪليا. پر آبادگارن
جھڙي طرح پھريان ڪيو ھيو اھڙي طرح ٻئي
دفعي به ان نوڪرن کي ايئن ئي ذليل ڪيو. ۵
پوءِ ان کان بعد مالڪ ھڪ ٻئي نوڪر کي
موڪليو آبادگارن ان نوڪر کي ماري ڇڏيو پوءِ
مالڪ ھڪ کان وڌيڪ نوڪرن کي آبادگارن
ڏانھن موڪليو. آبادگارن ڪجھه نوڪرن کي
پٽيو ۽ ڪجھه کي قتل ڪري ڇڏيو.
٦ ان مالڪ کي آبادگارن ڏانھن موڪلڻ جي
لاءِ صرف اُن جو پُٽ ئي بچيو ھيو اھو ان
آخري ماڻھن کي موڪلي رھيو ھيو اھو ان جو

[1] ۱۱: ۲٦ آيت ۲٦ ”جيڪڏھن توھان بين ماڻھن کي معاف نه ڪيو ته توھان جو پيءُ به جنت ۾ آھي توھان جي گناھن کي معاف نه ڪندو.“ اھڙي طرح يونان جي ڪجھه حال واري نسخن ۾ ھي آيت ۲٦ وڌائي ويئي آھي.

خاص پٽ هيو آبادگارن ڏانهن موڪليو. آبادگار
منهنجي پٽ جي آبرو ڪندا اهو سمجهي ڪري
مالڪ پنهنجي پُٽ کي موڪلي ڇڏيو.“
۷ ”تڏهن آبادگارن پٽ کي ڏٺو ته پاڻ ۾ ڳالهيون
ڪرڻ لڳا هي ته باغ جي مالڪ جو پٽ آهي.
هي باغ ته انهي جو هوندو. انهي جي لاءِ اسان
کي مارينداسين ته اهو باغ اسان جو ٿي ويندو.
۸ ان طرح آبادگارن پٽ کي پڪڙي ڪري
ڊاک جي باغ کان ٻاهر ڇڪي ڪري وٺي آيا ۽
ان کي قتل ڪري ڦٽي ڪري ڇڏيائون.
۹ ” جيڪڏهن ائين ٿيو ته باغ جو مالڪ
ڇا ڪندو؟ اهو پاڻ باغ ۾ ويندو. ۽ ان باغ جي
آبادگارن کي قتل ڪري باغ کي ٻئي آبادگار جي
حوالي ڪندو. ۱۰ ڇا توهان صحيفن ۾ پڙهيو ناهي؟

جنهن پهڻ کي اڏيندڙن رد ڪري ڇڏيو،
سوئي ڪنڊ جو سرو ڪيو ويو.
۱۱ اهو خداوند سان ئي ٿيو. ۽ ايئن
ٿيڻ اسان کي عجيب و غريب لڳندو
آهي.“ *زبور* ۱۱۸: ۲۲-۲۳

۱۲ يسوع سان ڪيل اهي مثال جنهن کي يهودي
سردارن ٻڌو ته انهن اهو سمجهيو ته اها مثال ان
انهيءِ جي مطابق چئي آهي. انهيءَ لاءِ انهن يسوع
کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود اهي
ماڻهون ڊڃا ۽ ان کي ڇڏي ڪري هليا ويا.

## يهودي سردارن جو يسوع کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ

*(متي ۲۲: ۱۵-۲۲؛ لوقا ۲۰: ۲۰-۲۶)*

۱۳ ان کان بعد ۾ يهودي سردار ڪجهه فريسين
کي ۽ هيروديس ڏانهن موڪليو ته ڪجهه چوي
ته اسان ان کي ڦاسائي وٺون. ۱۴ فريسي ۽
هيروديسي يسوع ڏانهن آيا ۽ ان کي چوڻ لڳا،
”اي استاد! تون سچو آهين اسان کي معلوم آهي
۽ توکي ان ڳالهه جو به خوف ناهي ته ماڻهون
توهان جي باري ۾ ڇا سوچيندا آهن ۽ تمام ماڻهون
توهان جي نظر ۾ هڪ آهن ۽ خدا جي راهه جي
متعلق توهان سچي تعليم ڏيندا آهيو اسان کي سٺي
طرح معلوم آهي اسان کي چئي ڇڏ ته قيصر جو
محصول ڏيڻ ٺيڪ آهي يا غلط؟ ۽ ڇا ڪيائون
ته اسان کي لڳان ڏيڻ ٺيڪ آهي يا نه؟“
۱۵ يسوع سمجهي ويو اهي حقيقت ۾ ڌوڪو
ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن انهيءَ لاءِ
اُن انهن کي چيو، ”منهنجي ڳالهين ۾ غلطين کي
پڪڙڻ جي ڪوشش ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ مون
کي هڪ چانديءَ جو سڪو ڏيو“آئون اهو ڏسڻ
چاهيان ٿو.“ ۱۶ انهن ان کي هڪ سڪو ڏنو.
يسوع انهن کان پڇيو، ”سڪي تي لڳل تصوير
ڪنهن جي آهي؟ ۽ ان جي مٿان ڪنهن جو نالو
آهي؟ انهن جواب ڏنو، ”اهو قيصر جو نالو آهي
۽ ان جي تصوير آهي.“
۱۷ يسوع انهن کي چيو، ”قيصر کان قيصر
کي ڏيو ۽ خدا جو خدا کي ڏيو.“ يسوع جيڪو
چيو ان کي ٻڌي ڪري اهي حيرت ۾ پئيجي ويا.

## فريسين جو يسوع کي فريب ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ

*(متّي ۲۲: ۲۳-۳۳؛ لوقا ۲۰: ۲۷-۴۰)*

۱۸ تڏهن ڪجهه صديقين (صديقين جو ايمان
آهي ته ڪوئي به شخص مرڻ کان بعد زنده
ناهي ٿيندو.) يسوع ڏانهن اچي سوال ڪيائون،
۱۹ ”اي استاد موسيٰ اها تحرير حڪم نامه اسان
جي لاءِ ڇڏي ويو آهي هڪ شادي شده انسان
جنهن جي ڪائي اولاد ناهي ۽ اها مري وڃي ته
مرحوم بيوه سان ان جو ڀاءُ شادي ڪري ۽ مئل
ڀاءُ جي گهر جي نسل جو سلسلو جاري ڪري
ان ڳالهه کي موسيٰ لکيو آهي. ۲۰ ست ڀائر
رهندا هئا پهريون ڀاءُ شادي ته ڪئي پر اولاد
کان بغير ئي مري ويو.
۲۱ تڏهن ٻئي ڀائر هن بيواه سان شادي ڪئي
۽ اُن ڀائر کي به اولاد ڪونه ٿيو، ۽ اهو ڀائر
به مري ويو. ۽ ٽئين ڀائر جوبه اهوئي حال ٿيو.
۲۲ اهڙيءَ طرح ستن ئي ڀائرن اُن بيواه مائي
سان شادي ڪئي. پر ڪنهن کي به اُن مائي مان
اولاد ڪونه ٿيو. ۽ ستئي ڀائر مري ويا. ۽ نيٺ
اها مائي به مري ويئي. ۲۳ تڏهن ماڻهن پڇيو،
”جڏهن قيامت جي ڏينهن ماڻهون موت کان جيءُ
اٿندا ته اها عورت ڪنهن جي زال سڏرائبي.“
۲۴ يسوع چيو، ”توهان اهڙي غلطي ڇو ٿا
ڪيو؟ مقدس صحيفو هجي يا ته خدا جي قدرت
ڇا توهان ان کي نه ٿا ڄاڻي سگهو؟ ۲۵ مئل
ماڻهون جڏهن ٻيهر جيءُ اٿندا ته شادي بياهه نه
ٿيندي مرد ۽ عورتون ٻيهر شادي نه ڪندا. سيئي

ماڻهون آسمان ۾ رهڻ وارن ملائڪن وانگر
هوندا. ٢٦ توهان قيامت يعني ماڻهون جي موت
کان توهان پيهر جيءُ اٿڻ جي باري ۾ خدا جي
چيل ڳالهين کي يقين سان پڙهندا آهيو. خدا موسيٰ
کي چيو، ”مان ابراهيم جو خدا آهيان، اسحاق جو
خدا آهيان، ۽ يعقوب جو به خدا آهيان.[1] توهان
موسيٰ جي ڪتاب ۾ ٻوٽي واري بيان ۾ ان ڳالهه
کي نه پڙهيو؟ ٢٧ اهي سڀ نه مرندا، ڇالاءِ جو
خدا زنده جو خدا آهي نه ڪي مئلن جو. ۽ اهو
ڇئي ڪري جواب ڏنو ته اي صدوقيو! توهان
ان جي سچائي کي غلط سمجهيو آهي.“

## سڀ کان پهريون حڪم ڪهڙو آهي؟

(متّي ٢٢: ٣٤-٤٠؛ لوقا ١٠: ٢٥-٢٨)

٢٨ ان بحث کي ٻڌڻ وارا شريعت جي عالمن
مان هڪ يسوع ڏانهن آيو، ان صديقين ۽ فريسين
سان گڏ يسوع کي سوال جواب ڪندي ٻڌو.
ان ڏٺو ته يسوع انهن جي سوالن جو بهترين
جواب ڏنا. انهيءَ لاءِ ان يسوع کي چيو حڪمن
۾ سڀ کان پهريون حڪم ڪهڙو آهي؟“
٢٩ تڏهن يسوع چيو، ”سڀ کان اهم حڪم
اهو آهي ته اي بني اسرائيلو ٻڌو، اسان جو خدا
ئي صرف هڪ خداوند آهي. ٣٠ ۽ تون انهي
خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي ساريءَ دل، ۽
پنهنجي ساريءَ جان، ۽ پنهنجي ساريءَ طاقت
سان پيار ڪر.[2] ٣١ ٻيو هي آهي، ته تون پنهنجي
پاڙيسريءَ کي پاڻ جهڙو پيار ڪر.“ انهن کان
وڏو ٻيو حڪم ڪونهي.“[3]
٣٢ تڏهن ان چيو، ”اي استاد! اهو هڪ گهڻو ئي
سٺو جواب آهي. ۽ توهان ٺيڪ چيو آهي ته خداوند
هڪ ئي آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيو ڪوئي ناهي.
٣٣ انهيءَ ساريءَ دل سان، ۽ ساري سمجهه
سان ۽ ساري طاقت سان پيار ڪرڻ، ۽ پنهنجي
پاڙيسري کي پاڻ جهڙو پيار ڪرڻ. جهڙي
طرح هڪ ماڻهون پاڻ سان محبت ڪندو آهي.
ائين ئي ٻين سان محبت ڪري. اسان جانورن
جون قربانين کي خدا جي نذر ڪندا آهيون، اهي
حڪم ان کان وڌيڪ ۽ گهڻا اهم آهن.“
٣٤ ان کان عقلمندي جو جواب ٻڌي ڪري
يسوع ان کي چيو، ”تو خدا جي بادشاهت مان سڀ
کان ويجهو آهين ان وقت کان ڪنهن ۾ ايتري همت
نه رهي ته وڌيڪ يسوع کان سوال ڪيا وڃن.

## ڇا مسيح دائود جو پُٽ آهي يا خدا جو؟

(متي ٢٢: ٤١-٤٦؛ لوقا ٢٠: ٤١-٤٤)

٣٥ يسوع هيڪل ۾ تعليم ڏيندي چئي رهيو
هيو، ”شريعت جا عالم چون ٿا ته يسوع دائود
جو پُٽ آهي ايئن ڇو؟ ٣٦ دائود رُوح پاڪ جي
مدد کان پاڻ چيو:

خداوند منهنجي خدا کي چيو. جيسيتائين
تنهنجي دشمنن کي تنهنجي پيرن جي
صندلي نه بڻايان تون منهنجي ساڄي طرف
ويٺو رهه.“ زبور ١١٠: ١

٣٧ دائود پاڻ ئي مسيح، خداوند، جي نالي سان
ياد ڪيو آهي. انهيءَ وجهه سان مسيح ئي دائود
جو پُٽ هجڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ ڪئي ماڻهن
يسوع جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ گهڻو خوش ٿيا.

## يسوع جي شريعت جي عالمن تي تنقيد ڪرڻ

(متي ٢٣: ١-٣٦؛ لوقا ٢٠: ٤٥-٤٧)

٣٨ يسوع پنهنجي تعليم جاري رکي ۽ چيو
شريعت جي عالمن جي باري ۾ خبردار رهو
اهي چوغا پائي ڪري گهمڻ پسند ڪندا آهن ۽
بازارن ۾ ماڻهن جي عزت حاصل ڪرڻ چاهين
ٿا. ٣٩ يهودي عبادگاهن ۾ ۽ عورتن ۾ اهو اعليٰ
نششتن جي خواهش ڪندو آهي. ٤٠ ۽ چيائين ته
بيواهن جي جائيدادن کي هضم ڪري ڇڏيندا آهن
اهي ڊگهي دعائن کان ماڻهن ۾ پنهنجي پاڻ کي
شريف ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪرن ٿا خدا انهن کي
سخت سزائون ڏيندو.

## غريب بيواه عورت جو تحفو

(لوقا ٢١: ١-٤)

٤١ يسوع هيڪل ۾ جڏهن نذرانه جي صندوق
کي ويجهو ويٺو هيو ته ڏٺائين ته ماڻهون نذراني
جي رقم صندوق ۾ وجهي رهيا آهن ڪئي
دولتمندن وڏي رقم ڏني. ٤٢ پوءِ وري هڪ
غريب بيواه عورت آئي هڪ ٽانبي جو سڪو
وڌو.

---

[1] ١٢: ٢٦ مان ئي ... خدا آهيان خروه ٣: ٦
[2] ١٢: ٣٠ اقتباس استثناء ٦: ٤-٥
[3] ١٢: ٣١ توهان جيئن ... آهيو احبار ١٩: ١٨

٤٣ يسوع پنهنجي شاگردن کي گهرائي چيو،
”مان توهان کي سچ چوندو آهيان جن ماڻهن
نذرانه وڌا آهن ان سڀ ۾ هڪ بيواه عورت سڀ
کان وڌيڪ وڌو آهي. ٤٤ ٻين ماڻهن پنهنجي
ضرورتن کان باقي بچيل هيو ان مان ٿورو وڌو.
۽ ان عورت پنهنجي غربت جي باوجود جيڪو
ڪجهه ان وٽ هيو ان ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن ته
اها ئي ان جي زندگي سموري ڪمائي هئي.“

## مستقبل ۾ هيڪل جي تباهي

*(متّي ٢٤: ١-٤٤؛ لوقا ٢١: ٥-٣٣)*

١٣
١ يسوع جڏهن هيڪل کان ٻاهر اچي
رهيو هيو ته ان جي شاگردن ان
کي چيو، ”استاد ڏسو! انهن عمارتن کي ٺاهڻ
۾ ڪيترا وڏا وڏا پهڻ استعمال ڪيا ويا آهن ۽
ڪيتري خوبصورت عمارتون آهن.“
٢ تڏهن يسوع انهن کي چيو، ”انهن تمام
عمارتن کي ڏسي رهيا آهيو؟ آئون توهان کي
سچ چوندو آهيان ته سڀ برباد ٿي ويندا. هتان
جا پهڻ زمين تي ڪيرايا ويندا. ۽ هڪ پهڻ به
باقي نه رهندو.
٣ بعد ۾ يسوع زيتون جي جبل تي پطرس،
يعقوب، يوحنا ۽ اندرياس گڏ ويٺا هئا انهن کي
اتان ئي هيلڪل نظر آئي. ٤ شاگردن يسوع کان
پڇيو، ” اهي سڀ ڪجهه ڪڏهن پيش ايندو؟
۽ انهن واقعن کي پيش اچڻ جون ڪهڙوين
نشانيون هونديون جنهن سام معلوم ٿيندو ته
واقعات عنقريب پيش اچڻ وار آهن.“
٥ تڏهن يسوع انهن کي خبردار!ڪنهن کي
ڪوئي موقعو نه ڏيو ته توهان کي دوکو ڏين.
٦ چالاءِ جو گهڻا ماڻهون ايندا ۽ منهنجي نالي
تي پاڻ کي مسيح ٻڌائي ڪري گهڻن ماڻهن کي
دوکو ڏيندا. ٧ ويجهو ۾ ٿيڻ وارين جنگين جو
آواز ۽ پري جي فاصلي تي ٿيڻ واري جنگ جي
خبرون ٻڌندا پر توهان خوفزده نه ٿيجو. اهڙي
قسمن جا واقعا ٿيڻ ئي گهرجن. پر خاتمو به
باقي آهي. ٨ هڪ قوم ٻئي قوم جي خلاف جنگ
ڪندي. هڪ بادشاهت ٻئي بادشاهت جي خلاف
وڙهندي ۽ قحط ساليان ٿينديون. مختلف جڳهن
تي زلزلا ايندا. اهي واقعات حامله عورتن جي
طرح مصيبتن وارا هوندا.
٩ هوشيار رهو!منهنجي پيروي ڪرڻ جي
وجهه سان توهان کي ماڻهون گرفتار ڪندا.
عدالتن ڏانهن وٺي ويندا. ۽ يهودي عبادتگاهن
۾ توهان کي مارڻ پٽڻ شروع ڪندا بادشاهن ۽
حاڪمن جي سامهون توهان کي بيهاري ڪري
منهنجي متعلق شاهدي ڏيارڻ جي لاءِ زبردستي
ڪندا. ١٠ انهن واقعات جي پيش اچڻ کان پهريان
توهان سين ماڻهن کي خوشخبري جي تعليم ڏيڻ
١١ توهان گرفتار ڪيا ويندا توهان کي گهيريو
ويندو توهان فڪر نه ڪريو ته اتي توهان کي ڇا
چوڻو پوندو. ان وقت خدا توهان کي سيکاريندو
اهو ئي چوڻو پوندو ان وقت ڳالهه ڪرڻ جي وارا
توهان نه هوندا بلڪه روح پاڪ هوندو.
١٢ ”سڳا ڀائر پنهنجي سڳن ڀائرن کي قتل
ڪرڻ جي لاءِ حوالي ڪيا ويندا. والدين پنهنجي
اولاد کي ۽ اولاد پنهنجي والدين جي مخالف ٿي
ڪري انهن کي قتل ڪرائيندا.
١٣ منهنجي پيروي ڪرڻ جي وجهه سان
ماڻهون تمام نفرت ڪندا. پر آخري ساهه تائين
برداشت ڪرڻ وارا ئي نجات پائيندا.
١٤ تباهي پيدا ڪرڻ خوفناڪ قسم جي تباهيءَ
ٿيڻ وارين شين کي توهان ڏسندا. توهان ان کي
اتي بيهي ڏسندا جتي ان کي نه هجڻ گهرجي.
(پڙهڻ وارا ان جي معنيٰ کي سمجهن). ان وقت
يهوداه ۾ رهڻ وارا ماڻهون جبلن ۾ ڀڄي ويندا.
١٥ ڪڏن ۾ رهڻ وارا هيٺ لهي ڪري گهر مان
ڪجهه ڪڻ بغير ئي ڀڄي ويندا. ١٦ ٻينن ۾ رهڻ
وارا پنهنجا ڪپڙا ڪڻ جي لاءِ پويان نه ڏسندا.
١٧ پر انهن لاءِ افسوس آهي، جي پيٽ سان
هونديون، ۽ انهن لاءِ جن کي انهن ڏينهن ۾ ٻار
ٿيڻ تي هوندا!. ١٨ دُعا ڪريو! اهي واقعا سياري
جي موسم ۾ نه ٿين. ١٩ چالاءِ جو اهي اُن ڏينهن
مصيبتن سان ڀريل هوندا. جڏهن کان خدا ان
مخلوق کي پيدا فرمايو آهي اهڙي مصيبت ڪڏهن
نه آئي آهي ۽ آئنده به واقع نه ٿيندي. ٢٠ خدا انهن
مصيبت زده ڏينهن کي گهٽ ڪرڻ جو ارادو
ڪيو آهي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته ڪنهن انسان
جو زنده بچڻ ممڪن نه ٿيندو پر خدا پنهنجي
چونڊ ٿيل خاص ماڻهن جي لاءِ وقت ۾ گهٽايا ويندا.
٢١ اهڙي ڏک جي وقت ۾ ڪوئي به توهان کي
چوي ته مسيح اتي آهي ڏسو يا ڪوئي چوندو
ته هتي آهي، پر انهن تي ڀروسو نه ڪريو.
٢٢ خدا جا چونڊ ٿيل ماڻهون دوکو ڏيڻ جي لاءِ

ممڪن آهي ڪوڙي مسيح ۽ ڪوڙا نبي ايندا
۽ معجزه ظاهر ڪندا. ٢٣ انهن وجهن جي بنا
تي خبردار رهو. انهن تمام ڳالهين ڪي واقع ٿيڻ
کان پهريان ان تمام جي باري ۾ توهان کي ٻڌائي
ڇڏيان ٿو.
٢٤ ”ان مصيبت جي گذري وڃڻ تي،

سج ترڪ ٿي ويندو چنڊ جي روشني گهٽ
پوندي.
٢٥ ستارا آسمان مان ٽٽي ڪري
پوندا. پوءِ آسماني طاقتون ڏڪي
ويندين. *يسعياه ١٣: ١٠، ٣٤: ٤*

٢٦ ان وقت ابن آدم جي قدرت ۽ جلال سان
گڏ ڪڪرن ۾ ايندي ماڻهون ڏسندا. ٢٧ ابن
آدم پنهنجي فرشتن کي زمين جي هر حصي ۾
وڪٽي ڪري پنهنجي چونڊ ڪريل اهي ماڻهون
دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ کان ڪٺا ڪندو.
٢٨ انجير جو وڻ اسان کي هڪ سبق
سيکاريندو آهي. جڏهن انجير جي وڻ جون
ٽاريون سايون ٿي ڪري ان ۾ نرم ٿي ويندين
آهن. ۽ نون پنن جو وڌڻ شروع ٿيندو آهي ته
توهان چا ٿا سمجهندا آهيو ته گرمي جي موسم
ويجهو اچي ويئي آهي. ٢٩ ٺيڪ انهيءَ طرح
مان توهان کي جيڪي واقعات ٻڌايا آهن. توهان
ان تي پورا هوندي ڏسندءُ اهو وقت ويجهو اچڻ
وارو آهي اهو منظر آهي توهان ان کي سمجهي
ويندا. ٣٠ آئون توهان کي سچ چوندو آهيان ته
ان نسل جا ماڻهو هاڻي به زنده ئي رهندا ته اهي
تمام واقعات پيش ايندا. ٣١ زمين ۽ آسمان مڪمل
تباهه ٿيڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو پر منهنجي چيل
ڳالهيون رد نه ٿي سگهن.
٣٢ پر اهو ڏينهن ۽ وقت ڪڏهن ايندو
ڪوئي نه ٿو ڄاڻي نه آسمان جا ملائڪ ۽ نه
ئي پُٽ ڄاڻي ٿو. صرف پيءُ ئي کي ان ڳالهه
جي خبر آهي. ٣٣ تيار رهو! هميشه تيار رهو
اهو وقت ڪڏهن ايندو توهان نه ٿا ڄاڻو. ٣٤
اهو ان شخص جي وانگر آهي جو سفر تي
نڪرندو آهي ۽ پنهنجي گهر ڇڏيندو آهي. اهو
پنهنجي گهر جي خبرداري پنهنجي نوڪرن
جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي اهو هر هڪ
خادم خصوصي ذميداري ڏيندو آهي. هڪ
نوڪر کي دربان جي ذميداري ڏيندو آهي. ۽
اهو شخص اُن نوڪر کي چوندو آهي ته ”تون
هميشه تيار رهه اهڙي طرح آئون توهان کي
چئي رهيو آهيان. ٣٥ هميشه تيار رهو گهر
جو مالڪ ڪڏهن واپس موٽي ايندو توهان
کي معلوم نه ٿي سگهندو آهي. اهو ٻيپهري
۾ يا اڌ رات جو جڏهن ڪڪڙ بانگ ڏيئي
ته صبح جي سويري تي. ٣٦ مالڪ اچانڪ
پلٽي واپس ايندو جيڪڏهن توهان هميشه تيار
رهندا ته اهو جڏهن ايندو ته ننڊ جي حالت
نه هوندي. ٣٧ آئون توهان کي هر هڪ کي
اهوئي چوان ٿو ته تيار رهو!“

## يهودي سردارن جو يسوع کي قتل ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ

*(متي ٢٦: ١-٥؛ لوقا ٢٢: ١-٢؛*
*يوحنا ١١: ٤٥-٥٣)*

١٤ ١ فسح[1] ۽ بغير فطير ماني جي عيد[2]
جي لاءِ صرف ٻه ڏينهن باقي هيا.
سڀئي سردار ڪاهن ۽ شريعت جا عالم اهو چاهن
ٿا ته فريب جي ڪنهن ٻه طريقي سان اپنائي
ڪري يسوع کي گرفتار ڪريون ۽ قتل ڪريون.
٢ ”پر انهن عيد جي موقعي تي يسوع کي گرفتار
نه ڪرڻ چاهيو اها ڳالهه ممڪن نه هئي ته اسان
يسوع کي گرفتار ڪريون نه ته ماڻهون غصي ۾
اچي سگهن ٿا ۽ گوڙ شروع ٿي سگهي ٿو.“

## يسوع سان گڏ هڪ زال جو هڪ عجيب ڪم ڪرڻ

*(متي ٢٦: ٦-١٣؛ يوحنا ١٢: ١-٨)*

٣ تڏهن يسوع بيت عنياه ۾ شمعون جي
ڪوڙهي جي گهر ۾ هيو. تڏهن هڪ زال سنگ
مرمر جي عطردان ۾ قيمتي عطر کڻي آئي ۽
جڏهن يسوع ماني کائڻ لاءِ ونو ته ان جي مٿي
تي ان عطر کي ڇڙڪائي ڇڏيو.

---

[1] ١٤: ١ **فسح** هي يهودين جو خاص پاڪ ڏينهن آهي. يهودي ان ڏينهن مخصوص کاڌو کائيندا آهن. هر سال اهو ياد ڪندا آهن ته خدا مصر ۾ موسيٰ جي زماني ۾ رهڻ وارن غلامن کي آزاد ڪيو.

[2] ١٤: ١ **بغير** خمير جي ماني جي تقريب هي يهودين جي موڪلن جو اهم هفتو آهي. پراڻي عهدنامي ۾ اهو فسح جي ڏينهن کان بعد شروع ٿيندو آهي. پر هن وقت ٻه موڪلان هڪ ئي دفعي اچي ويندين آهن.

۴ ان منظر کي ڏسڻ وارا شاگرد ان عورت تي
گهڻي تنقيد ڪئي
۽ چيو، ”ان انهي قيمتي عطر کي ضايع ڪيو؟
۵ ۽ انهن چيو ته ان کي سٺي رقم ۾ وڪڻي
ڪري ان رقم کي غريب ماڻهن ۾ تقسيم ڪري
سگهون پيا.“
۶ يسوع چيو، ”ان عورت کي تڪليف نه
ڏيو. توهان ان کي ڇو ٿا ستايو؟ ان عورت ته
مون سان گڏ سٺو ۽ ڀلائي جو ڪم ڪيو آهي. ۷
توهان سان گڏ ته هميشه ئي غريب ماڻهون رهندا
آهن جڏهن چاهي توهان انهن جي مدد ڪري
سگهو ٿا آئون هميشه توهان سان گڏ نه هوندس.
۸ اها زال جيڪو ڪجهه ڪري سگهي پئي ان
منهنجي مرڻ کان پهريان ئي تدفين جي لاءِ ان
منهنجي جسم تي خوشبودار تيل ڇڻڪي ڇڏيو
آهي. ۹ آئون توهان کي بلڪل سچ چوندو آهيان
ته دنيا ۾ جتي به خوشخبري جي تعليم ڏني وڃي
اتي ان زال جي ڪيل ڪم جي متعلق چيو ويندو
ته ماڻهون ان کي ياد رکندا.“

## يسوع جي دشمنن سان مدد جي لاءِ يهوداه جي رضامندي

*(متي ۲۶: ۱۴-۱۶؛ لوقا ۲۲: ۳-۶)*

۱۰ تڏهن انهن ٻارهن رسولن ۾ هڪ يهوداه
اسڪريوتي جو سردار ڪاهن کي يسوع جا
حوالي ڪرڻ جي ڳالهه جي لاءِ ويو هيو. ۱۱
سردار ڪاهن ان باري ۾ تمام خوش ٿيو ۽ ان
بنياد تي ان کي رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو. جنهن
جي وجهه سان يهوداه يسوع کي پڪڙي ڪري
ان جي حوالي ڪرڻ جي لاءِ مناسب موقعو
تاڙي رهيا هئا.

## فسح جو ماني

*(متي ۲۶: ۱۷-۲۵؛ لوقا ۲۲: ۷-۱۴، ۲۱-۲۳؛ يوحنا ۱۳: ۲۱-۳۰)*

۱۲ اهو بغير فطيري ماني جو پهريون عيد جو
ڏينهن هيو ۽ يهودين وٽ فسح جي عيد ۾ جانورن
جي قرباني جو اهو ئي وقت هيو يسوع جا شاگرد
ان جي ويجهو آيا ۽ ان کان پڇا ڪيائون، ” اسان
توهان جي لاءِ فسح جي عيد جو کاڌو ڪٿي تيار
ڪريون؟“
۱۳ يسوع پنهنجي شاگرن کي موڪليو ۽ انهن
کي هدايت ڪئي ”۽ چيو ته جڏهن توهان شهر ۾
داخل ٿيندا ته هڪ ماڻهو پاڻي جو مٽڪو کڻندي
نظر ايندو توهان ان جي پويان هليا ويو. ۱۴
اهو هڪ گهر ۾ هليو ويندو توهان ان گهر جي
مالڪ کي چئو ته اُستاد چيو آهي ته اهو ڪمرو
ڪٿي آهي جتي مان شاگردن سان گڏ فسح جو
کاڌو کائي سگهان. ۱۵ مڪان مالڪ بالاخانه
ڪمرو ڏيکاريو. اهو ڪمرو توهان جي لاءِ تيار
آهي. اسان جي لاءِ اتي کاڌو تيار ڪريو.“
۱۶ تڏهن شاگرد اتان نڪري شهر ۾ ويا يسوع
جي مطابق ئي سڀ ڪجهه ٿيو. شاگردن فسح
جي عيد جو کاڌو تيار ڪيو.
۱۷ شام ۾ يسوع پنهنجي ٻارهن رسولن سان
گڏ ان گهر ۾ ويا. ۱۸ جڏهن اهي سڀ صندلي تي
ويٺي کاڌو کائي رهيا هئا ته يسوع چيو، ”آئون
توهان کي سچ چوندو آهيان ته توهان مان هڪ
مون سان فريب ڪندو ۽ اهو هاڻي مون سان گڏ
کاڌو کائي رهيو آهي.“
۱۹ جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته شاگرن کي گهڻو ڏک
ٿيو تڏهن هر هڪ شاگرد يسوع کي هڪ هڪ
ڪري چوڻ لڳا، ”مان اهو ناهيان يقين ڏياريان ٿو
ته مان توهان سان ڪوئي ڌوکو نه ڪندس.“
۲۰ يسوع چيو، ”انهن ٻارهن ماڻهن مان
مون سان هڪ دشمني ڪري رهيو آهي.
اهو ئي مون سان گڏ منهنجي ٿانو ۾ پنهنجي
ماني ٻوڙي رهيو آهي. ۲۱ ابن آدم مرندو
جيئن ته صحيفن ۾ ان جي متعلق لکيو ويو
آهي. پر ابن آدم کي قتل ڪرڻ جي لاءِ
پڪڙائڻ واري جي لاءِ نهايت دردناڪ
ٿيندو. ۽ چيو، ”جيڪڏهن اهو پيدا ئي نه ٿيو
هجي ها ته شايد ان جي حق ۾ سٺو ٿي ها.“

## عشاءِ رباني

*(متي ۲۶: ۲۶-۳۰؛ لوقا ۲۲ : ۱۵-۲۰؛ ۱ ڪرنٿين ۱۱: ۲۳-۲۵)*

۲۲ جڏهن اهي ماني کائي رهيا هيا ته يسوع
ماني کڻي ۽ خدا جو شڪر ادا ڪيو ۽ ان کي
ٽڪرا ڪري چيو، ” ان کي کڻو ۽ کائو، ۽
پنهنجي شاگردن کي اهو چئي ڪري چيو ته هي
جسم آهي.“
۲۳ تڏهن يسوع انگورس جو پيالو کنيو ۽ ان
تي خدا جو شڪر ادا ڪيو ۽ پنهنجي شاگردن

كي ڏنائين. ۽ تمام شاگردن ان کي پيتو. ٢٤
يسوع چيو، معاعدي کي قائم ڪرڻ جي لاءِ اهو
منهنجو رت آهي. ٢٥ آئون توهان کي سچ چوندو
آهيان. آئون هاڻي ان وقت انگوررس پيئندس
جيستائين خدا جي بادشاهت ۾ نئين انگوررس نه
پيان.“
٢٦ تڏهن تمام شاگرد فسح جي عيد جا گيت
ڳائڻ لڳا ان کان بعد اهي زيتون جي جبل ڏانهن
روانه ٿيا.

## شاگردن جي باري ۾ يسوع جي بيوفائي جي باري ۾ قياس پيش

*(متي ٢٦: ٣١-٣٥؛ لوقا ٢٢: ٣١-٣٤؛ يوحنا ١٣: ٣٦-٣٨)*

٢٧ تڏهن يسوع پنهنجي شاگردن کي چيو،
توهان سڀ ايمان کي وڃائي ويهندءُ اهو صحيفن
۾ لکيل آهي:

مان ريڍار کي ماريندس تڏهن
توهان جون ٻڪريون روئي ڇئي
ويهنديون. *زڪريا ١٣: ٧*

٢٨ پر مري ڪري ٻيهر جيءُ اٿي ڪري توهان
سڀني کان پهريان گليل ۾ پهريان هوندس.
٢٩ پطرس جواب ڏنو، ”ٻيا شاگرد ايمان وڃائي
ويهندا پر مان پنهنجو ايمان نه وڃائيندس.
٣٠ يسوع چيو، ”آئون سچ چوندو آهيان، اڄ
رات ٻه دفعا ڪڪڙ جي بانگ ڏيڻ سان قبل ئي
تون ٽي ڀيرا اهوئي چوندين ته تون مونکي نه
ٿو سڃاڻين.“
٣١ پر پطرس يقين سان جواب ڏنو، ”جيڪڏهن
مون کي توهان سان گڏ مرڻو به پوي ته تڏهن به
مان هرگز اها ڳالهه نه چوندس ته مان تو کي نه
ٿو سڃاڻان.“ ٻين شاگردن به ائين ئي چيو.

## يسوع جي تنهائي ۾ عبادت ڪرڻ

*(متي ٢٦: ٣٦-٤٦؛ لوقا ٢٢: ٣٩-٤٦)*

٣٢ يسوع ان کان بعد پنهنجي شاگردن سان گڏ
گيتسمني نالي هنڌ ڏانهن ويا. تڏهن يسوع پنهنجي
شاگردن کي چيو، ”جيستائين مان عبادت نه
ڪريان توهان اتي ويهي رهو.“ ٣٣ اهو پطرس
يعقوب، ۽ يوحنا کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. پوءِ
يسوع حيران ۽ گهڻو ڏکي ٿيو. ٣٤ يسوع انهن کي
چيو، ”ته منهنجي جان ڏاڍي ڏک ۾ آهي، ڄڻ ته
موت آيو اٿم، اوهين هتي ترسو، ۽ جاڳندا رهو.“
٣٥ تڏهن يسوع انهن کان ٿورو پري وڃي
ڪري منهن پر ڪري دعا ڪئي ”اي
منهنجا پيءُ! جيڪڏهن ٿي اهي مصيبت جو
وقت مون تائين نه اچڻ ڏيئي.“ ٣٦ تڏهن يسوع
دعا ڪئي اي پيءُ! تنهنجي جي لاءِ هر ڳالهه
ممڪن آهي ان مصيبت جي پيالي کي مون کان
هٽائي ڇڏ پر جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته اهو
ڪر ۽ منهنجي مرضيءَ جي مطابق نه ڪر.“
٣٧ تڏهن يسوع ان کان بعد ۾ پنهنجي شاگردن
ڏانهن واپس موٽي آيو. جڏهن يسوع انهن کي
ستل ڏٺو ان پطرس کي چيو، ”اي شمعون ڇا
تون سمهي رهيو آهين؟ ڇا تنهنجي لاءِ اها ڳالهه
ممڪن ناهي ته تون مون سان هڪ ڪلاڪ
جاڳي سگهين ٿو؟
٣٨ جاڳندي رهندي دعا ڪر ته ڪي آزمائش
۾ نه پوندين ۽ چيائين روح تو آماده آهي پر جسم
ڪمزور آهي.“
٣٩ يسوع ٻيو دفعو دعا ڪرڻ جي لاءِ ٿورو
پرتي هليو ويو ۽ پهريان ئي وانگر دعائون
ڪرڻ لڳو. ٤٠ جڏهن يسوع پنهنجي شاگردن
ڏانهن واپس موٽيو ته اهو ڇا ٿو ڏسي ته اهي
سمهي رهيا هئا. ۽ انهن جون اکيون گهٽيون
ٿڪيل هيون. يسوع کي اهو سمجهه ۾ ڪجهه به
نه اچي پيو ته هو شاگردن کي ڇا چوي.
٤١ ٽيون ڀيرو دعا ڪرڻ کان بعد يسوع
پنهنجي شاگردن ڏانهن واپس ويو ۽ انهن کي
چيو، ”توهان اڃان تائين سمهي رهيا آهيو ۽ آرام
ڪري رهيا آهيو. ابن آدم کي هاڻي گنهگارن جي
حوالي ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي.
٤٢ اٿو! اسان کي وڃڻو آهي. ۽ مون کي انهن
ماڻهن جي حوالي ڪرڻ وارو ماڻهون هتي اچي
رهيو آهي.

## يسوع جي گرفتاري

*(متي ٢٦: ٤٧-٥٦؛ لوقا ٢٢: ٤٧-٥٣؛ يوحنا ١٨: ٣-١٢)*

٤٣ يسوع ڳالهيون ڪري ئي رهيو هيو
ته يهوداه اتي اچي ويو. ۽ يهوداه انهن ٻارهن
شاگردن مان هڪ هيو. سردار ڪاهنن ۽ بزرگ

يهودي سردارن جي طرف کان موڪليل ڪئي
ماڻهون ان سان گڏ هيا. اهي ڇهري، چاقو،
تلوارون ۽ لٺيون کنيل بيٺا هيا.
٤٤ يسوع ڪير آهي يهوداه انهن کي ٻڌائڻ
جي لاءِ اهڙي طرح اشارو ڪيو ته اهي
سڃاڻي ويا يسوع ڪهڙو آهي. جنهن کي مان
چميان اهو يسوع آهي ان کي گرفتار ڪريو“
٤٥ انهيءَ وقت يهوداه ”اي استاد“ چيو ۽ چميو.
٤٦ پوءِ انهن ماڻهن يسوع کي گرفتار ڪيو ۽
ان کي ٻڌي ڇڏيو. ٤٧ يسوع جي شاگرن مان
هڪ پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ سردار ڪاهن
جي نوڪر جو ڪن ڪٽي ڇڏيو.
٤٨ تڏهن يسوع ان کي چيو، ”توهان ماڻهون
تلوارون ۽ لٺين سان گڏ مون کي گرفتار ڪرڻ
آيا آهيو؟ ڇا آئون ڌوهاري آهيان؟ ٤٩ ۽ چيو، ته
روزانو هيڪل ۾ تعليم ڏيڻ جي لاءِ آئون توهان
سان گڏ هيم. توهان مون کي اتي گرفتار نه ڪيو
پر اهي سچا واقعا جيئن صحيفن ۾ لکيل آهن ته
ائين ئي ٿيندو.“ ٥٠ تڏهن يسوع تمام شاگرد ان
کي ڇڏي ڪري ڀڄي ويا.
٥١ يسوع کي مڃڻ وارو هڪ نوجوان ماڻهون
اتي موجود هيو اهو سوٽي ڪپڙا پهريل هيو.
ماڻهن ان کي به پڪڙيو. ٥٢ پر ان جي جسم
تان ڪپڙا ڪري پيس ۽ اهو اگهاڙي حال جي
ڪري ڀڄي ويو.

## يسوع يهودي سردارن جي سامهون

*(متي ٢٦: ٥٧-٦٨؛ لوقا ٢٢: ٥٤-٥٥، ٦٣-٧١*
*يوحنا ١٨: ١٣-١٤، ١٩-٢٤)*

٥٣ يسوع کي قيد ڪرڻ وارا ان سردار ڪاهن
جي گهر ويا. اتي شريعت جا عالم ۽ يهودين جي
بزرگ سردار سڀ هڪ جڳهه تي جمع ٿيا. ٥٤
پطرس ان کي پري کان ڏسي ڪري ۽ پويان
هلندي ان سردار ڪاهن جي بنگلي جي ايوان ۾
اچي ڪري سنتري سان گڏ ويهي رهيو.
٥٥ سردار ڪاهنن ۽ صدر عدالت يسوع جي
خلاف شهادت تلاش ڪرڻ شروع ته ان کي قتل
ڪيو وڃي. پر اهو ائين ڪئين شهادت پائڻ کان
قاصر رهي. ٥٦ ڪئي ماڻهون آيا ۽ يسوع جي
خلاف ڪوڙي شاهدي ڏنائين. پر انهن ماڻهن
مختلف ڳالهيون ڪيون جيڪي هڪ ٻئي سان
ملي نه رهي هيون.
٥٧ تڏهن ڪجهه ماڻهون يسوع جي خلاف
ڪوڙا ثبوت پيش ڪيا. ٥٨ انهن ماڻهن چيو،
”اسان ٻڌو آهي ته اهو ماڻهون چئي رهيو آهي ته
آئون هيڪل کي تباهه ڪندس جنهن کي انساني
هٿن ٺاهيو آهي ۽ ٽن ڏينهن ۾ هيڪل کي تعمير
ڪندس جنهن کي انساني هٿ نه ٺاهيندا.“ ٥٩ ان
جي باوجود به انهن ماڻهن جون ڪيل ڳالهين پاڻ
۾ ڪائي نه ٿي ملي آهي.
٦٠ وري سردار ڪاهن تمام گهڻن ماڻهن
جي سامهون بيهي ڪري يسوع کان پڇيو هي
حاضرين جيڪي تون جي خلاف الزام لڳائي
رهيا آهن انهن جي خلاف پنهنجي صفائي ۾
ڪائي ڳالهه نه چوندي؟ ۽ پڇيو ته ماڻهون
تنهنجي خلاف چئي رهيا آهن ڇا اهو سچ آهي؟
٦١ پر يسوع بلڪل خاموش رهيو ان ڪوئي
جواب ڏيڻ کان بغير ئي سردار ڪاهن يسوع
کان ٻيو سوال ڪيو، ”ڇا تون مسيح آهين؟ خدا
سڳوري جو پٽ آهين؟“
٦٢ يسوع جواب ڏنو، ”ها آئون خدا جو پٽ
آهيان. ۽ ابن آدم کي قادر مطلق جي ساڄي پاسي
ويهڻ ۽ آسمان جي ڪڪرن تي سوار ٿيندي
ڏسندا.“
٦٣ اعليٰ ڪاهن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندي چيو،
”اسان کي مزيد گواهي جي ضرورت باقي نه
رهي! ٦٤ توهان سڀن ان کي خدا جي خلاف
چوندي ٻڌو ۽ پڇيو ته ان تي توهان سڀن جو
ڪهڙو فيصلو آهي؟ سڀن ماڻهن چيو، ”اهو
ڌوهاري آهي ان کي ضرور سزا ٿيڻ گهرجي.
٦٥ اتي موجود ڪجهه ماڻهون يسوع تي ٿڪيو
۽ انهن جو چهرو ڍڪي ڇڏيو ۽ مڪون ماري
۽ چوڻ لڳا، ”اسان کي نبوت جون ڳالهيون ٻڌاءِ“
۽ مخالفن چماٽون ماري ماري ڪري اُن کي
پنهنجي قبضي ۾ ڪيو.

## پطرس جي بيوفائي

*(متي ٢٦: ٦٩-٧٥؛ لوقا ٢٢: ٥٦-٦٢؛*
*يوحنا ١٨: ١٥-١٨، ٢٥-٢٧)*

٦٦ ان وقت پطرس ايوان ۾ هيو ته سردار
ڪاهن جي نوڪرياڻي پطرس ڏانهن آئي. ٦٧
پطرس کي جاڙن ۾ باهه سيڪڻ مهل ڏسي
ڪري اها لونڊي پطرس کي ويجهو کان ڏٺو ۽
چيو، ”تون اهو ئي آهين نه جيڪو يسوع ناصري

سان گڏ هئين.“ ٦٨ پر پطرس انڪار ڪري ۽
چيو مان نه ٿو ڄاڻان ۽ مان نه ٿو سمجهان ته
تون ڇا چئي رهي آهين. اهو چئي ڪري اٿيو ۽
ايوان جي ڏيوڍي. ڏانهن ويو.[1]
٦٩ ان ڇوڪري پطرس کي ٻيهر ڏٺو ته ۽
اتي بيٺل ماڻهن کي چيو، ” هي ماڻهون ان جي
شاگردن مان هڪ آهي.“ ٧٠ پطرس ٻيهر ان
جي ڳالهين کان انڪار ڪيو. ٿوري دير بعد
پطرس جي ويجهو ڪجهه ماڻهون ان کي چيو،
”اسان ڄاڻون ٿا ته تون به ان جو شاگردن مان
هڪ آهين ۽ تون به گليل ئي جو آهين.“
٧١ تڏهن پطرس پاڻ تي لعنت ڏيندي قسم کائڻ
لڳو، ۽ چوڻ لڳو مان خدا جي قسم کڻي چوان ٿو
ته يسوع نالي جي ماڻهون کي مان نه ڄاڻيندوئي
ناهيان!
٧٢ پطرس کي يسوع جي ڳالهه ياد آئي جيڪا
ان چئي هئي، ”ڪڪڙ جي بانگ ڏني. تڏهن
پطرس ياد ڪيو ته يسوع ڇا چيو هيو: ”ڪڪڙ
ٻيهر بانگ ڏيڻ کان پهريان تون منهنجو تي ڀيرا
انڪارڪندين.“ يسوع جي چيل ڳالهه ياد ڪري
اهو ڏک ۾ زارو زار روئڻ لڳو.

## پيلاطس جي يسوع کي تفتيش ڪرڻ

*(متي ٢٧: ١-٢، ١١-١٤؛ لوقا ٢٣: ١-٥؛
يوحنا ١٨: ٢٨-٣٨)*

١٥ ١ صبح جو سردار ڪاهن، وڏي
يهودي سردار، شريعت جي عالم ۽
صدر عدالت جي افرادن اجلاس گهرايو ۽ اهو
طئه ڪيو ته يسوع کي ڇا ڪرڻ گهرجي. اهي
يسوع کي
ٻڌي ڪري پيلاطس جيڪو شهر جو گونر هيو
ان ڏانهن وٺي ويا ۽ ان جي حوالي ڪيو.
٢ پيلاطس يسوع کان پڇيو، ”ڇا تون يهودين
جو بادشاهه آهين؟“ يسوع جواب ڏنو، ”ها تون
جيڪو چيو آهي اهو ٺيڪ آهي.“
٣ سردار ڪاهنن يسوع تي ڪئي الزام لڳائي
رهيا آهن ٤ ”تڏهن پيلاطس يسوع کان پڇيو.“
اهي ماڻهون تو تي ڪئي الزام هڻي رهيا آهن
تون چپ آهين ڪوئي جواب نه ٿو ڏين؟“

٥ ان جي باوجود يسوع بلڪل خاموش رهيو ۽
ان جي خاموشي ڏسي ڪري پيلاطس کي وڏي
حيرانگي ٿي.

## پيلاطس جي يسوع کي رهائي جي لاءِ ڪيل ناڪام ڪوشش

*(متي ٢٧: ١٥-٣١؛ لوقا ٢٣: ١٣-٢٥؛
يوحنا ١٨: ٣٩-١٩: ١٦)*

٦ هر سال فسح جي عيد جي موقعي تي ماڻهن
جي خواهشن جي مطابق حاڪم ڪنهن هڪ
قيدي کي ڇڏڻ جو ان زماني ۾ رواج هيو. ٧ ان
وقت برابّا نالي هڪ قيدي قابئلن سان گڏ قيد
خاني ۾ هيو اهو وڙهاڪو ماڻهو هيو جيهڙي جي
وقت قتل جي الزام ۾ گرفتار ٿيو هيو.
٨ ماڻهون پيلاطس ڏانهن آيا ۽ هميشه جي
طرح پنهنجي لاءِ هڪ قيدي جي رهائي گهرڻ
جي گهرج ڪرڻ لڳا. ٩ پيلاطس ماڻهن کان
پڇيو ته ” ڇا توهان ان ڳالهه کي پسند ڪندا
آهيو ته توهان جي لاءِ يهودين جي بادشاهه
جي رهائي ٿئي؟“ ١٠ سردار ڪاهنن جي ساڙ
۽ حسد کان يسوع کي قيد ڪري ان کي حوالي
ڪرڻ واري ڳالهه پيلاطس کي معلوم هئي. ١١
سردار ڪاهنن خلق کي ڇوڙي ٻيهاريو آهي ته
اهو پيلاطس کي برابّا جي رهائي جي گذارش
ڪريون يسوع جي لاءِ نه.“؟
١٢ پيلاطس ٻيهر ماڻهن کا پڇيو، ”يهودين جي
بادشاهه جو نالي سان جنهن ماڻهون کي سڏيندا
آهيو ان کي مان ڇا ڪريان؟“
١٣ ماڻهن ٻيهر شور ڪرڻ لڳا ته ”ان کي
مصلوب ڪيو.“
١٤ پيلاطس پڇيو ”ڇو؟ ۽ ان جو جرم ڪهڙو
آهي“؟ ان تي ماڻهن هنگامو مچائي چڎيو ۽ چيو،
”انکي صليب تي چاڙهي ڇڏيو.“
١٥ پيلاطس ماڻهن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ
برابا نالي ماڻهون کي رهائي ڏني. ۽ درّي مار
ڪري صليب ڏيڻ لاءِ يسوع کي سپاهين جي
حوالي ڪيو.
١٦ پيلاطس جا سپاهي يسوع کي گونر جي
محل جي ايوان ۾ وٺي ويا جيڪو پرتيورين
سڏرائيندو هيو ۽ انهن وڏيڪ تمام سپاهين کي
هڪ ساٿ گهرايو. ١٧ سپاهين يسوع جي مٿان
وانگڻائي رنگ جو چوغو پارائي ڪري ۽ ڪندن

[1] ١٤: ٦٨ آيت ٦٨ گهڻي يوناني صحيفن ۾ اها شامل
آهي. ”۽ پکين جو ميڙاڪو.“

جو هڪ تاج ٺاهي ڪري ان جي مٿي تي رکيو.
١٨ تڏهن انهن يسوع کي سلام ڪرڻ شروع
ڪيو ۽ چيو، ”اي يهودين جا بادشاهه اسان توهان
کي سلام ڪري رهيا آهيون!“ ١٩ سپاهي ان جي
مٿان ڇڙي ماريندي ان تي ٿڪيو ۽ يسوع جي
سامهون گوڏا کوڙي ان جي عبادت جي مسخري
جي طور تي ڪرڻ لڳا. ٢٠ جڏهن سپاهين ان جو
مذاق اڙائڻ ختم ڪيو ته انهن وانگڻائي چوغي
کي ڪڍي ڇڏيو. ۽ انهن ڪپڙن کي ٻيهر پارايو
پوءِ يسوع کي صليب تي چاڙهڻ جي لاءِ کڻي ويا.

## يسوع کي مصلوب ڪيو وڃڻ

*(متي ٢٧: ٣٢-٤٤؛ لوقا ٢٣: ٢٦-٣٩؛
يوحنا ١٩: ١٧-١٩)*

٢١ تڏهن ڪريني شهر جو هڪ ماڻهون جنهن
جو نالو شمعون هيو اهو ٻنيءَ مان اچي رهيو هيو.
اهو سڪندر ۽ روفي جو پيءُ هيو. سپاهي يسوع
جي صليب کڻڻ لاءِ ويا شمعون سان زبردستي
ڪرڻ لڳا. ٢٢ ۽ يسوع کي گلگتا نالي جڳهه تي
وٺي آيا. (گلگتا جي معني ”کوپڙن جي جاءِ.“) ٢٣
گلگتا ۾ سپاهين يسوع کي پيئڻ جي لاءِ پيالو ڏنو
اهو مُرملي هيل شراب هئي. پر يسوع ان کي نه
پيتو. ٢٤ سپاهين يسوع کي صليب تي لٽڪائي
ڇڏيو. ۽ ڪليون ٺوڪي ڇڏيون. پوءِ يهودين پڪا
وجهي يسوع جي ڪپڙن کي پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو.
٢٥ اهي جڏهن يسوع کي صليب تي چاڙهي
رهيا هيا ته صبح نائين بجي جو وقت ٿي رهيا
هيو. ٢٦ يسوع جي خلاف جيڪي الزام هيا اهي
هي ته يهودين جو بادشاهه اهو صحيفه صليب تي
لڪايل هئي. ٢٧ ان کان علاوه يسوع انهن يسوع
سان گڏ ٻه داڙيلن کي به صليب تي لٽڪائي
ڇڏيو. انهن هڪ داڙيل کي ساڄي طرف ۽ ٻئي
کي کابي طرف لٽڪائي ڇڏيو هيو. ٢٨[1]
٢٩ اتان گذرڻ وارا ماڻهون پنهنجي مٿن کي
هلائي ڪري يسوع جي بي عزتي ڪندي ۽
چوندا ” تون هيڪل کي منهدم ڪري ان کي
وري ٻيهر ٽن ڏينهن ۾ تيار ڪندين. ٣٠ هاڻي
تون صليب کان هيٺ لهي اچ ۽ پنهنجي حفاظت
ڪر.“

[1] **١٥: ٢٨ آيت ٢٨** ڪجهه يوناني نسخن ۾ ان آيت کي شامل ڪيو آهي، ”’اهو ڏوهارين ۾ رکيو ويو آهي.‘ شريعت جي اها آيت اهڙي طرح پوري ٿي.“

٣١ اتان موجود سردار ڪاهن ۽ شريعت جا
عالم به مسخري ڪرڻ لڳا، ”انهن ٻين ماڻهن جي
حفاظت ڪئي پر هاڻ پنهنجي پاڻ جي حفاظت
نه ڪري سگهين. ٣٢ جيڪڏهن اهو سچائيءَ ۾
اسرائيل جو بادشاهه ميسح آهي ته هاڻي صليب
کان هيٺ لهي اچي ۽ پنهنجي پاڻ جي حفاظت
ڪري ته ان وقت اسان تي ايمان آڻينداسين.“
اهڙي طرح اهي طعنه ڏيڻ لڳا. يسوع سان گڏ
ٻن داڙيلن کي صليب تي چاڙهيو ويو هيو اهي
ماڻهن به ان جي مسخري ڪرڻ لڳا.

## يسوع جي موت

*(متي ٢٧: ٤٥-٤٦؛ لوقا ٢٣: ٤٤-٤٩؛
يوحنا ١٩: ٢٨-٣٠)*

٣٣ ۽ جڏهن ٻيپهري ٿي، تڏهن سڄي زمين تي
اونداهي ٿي ويئي، جا ٽئين پهر تائين هلي.[2] ٣٤
ٽين بجي يسوع وڏي آواز ۾ رڙيون ڪندي چيو
هيو” ايلي ايلي لما شبقني.“ يعنيٰ اي منهنجا خدا،
اي منهنجا خدا مون جو ساٿ ڇو ڇڏيو ٿي؟“
٣٥ اتي بيٺل ڪجهه ماڻهن انکي ٻڌي ڪري
چيو اهو ”ايلياه کي پڪاري ٿو.“
٣٦ انهن مان هڪ ڊوڙيندو ويو ۽ اسفنج کڻي
آيو ۽ ان ۾ سرڪو وجهي ڪري پري ڇڏيو ۽ ان
کي هڪ لٺ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ انهي لٺ سان ان
اسفنج کي يسوع کي ڏنو ته جيئن هو ان کي پي
وٺي. ”مان اهو ڏسڻ چاهيان ٿو ته ته ايلياه ان کي
صليب کان هيٺ لاهڻ لاءِ اچي ٿو يا نه.“
٣٧ تڏهن يسوع پري زور سان وڏو واڪو
ڪري جان ڏيئي ڇڏي.
٣٨ ان وقت هيڪل جو پردو مٿان کان هيٺ
تائين ٻن حصن ۾ ڦاٽي پيو. ٣٩ صليب جي
سامهون بيٺل رومي فوجي عهديدار جو يسوع
کي دم ٽوڙڻ مهل منظر کي ڏسي رهيو هيو ۽
چيو، ”ته هي ماڻهون ته سچ ۾ خدا جو پُٽ آهي.“
٤٠ اتي ڪجهه زالون صليب کان پري جي
فاصلي تي بيٺيون هيون اهو سڄو واقعو ڏسي
رهيون هيون ان ڪجهه عورتن ۾ مريم مگدني،
سلومي ۽ مريم يعقوب ۽ يسوع جي ماءُ (يعقوب
ان جو ننڍو پُٽ شامل هيو) هئي. ٤١ اهي زالون
گليل ۾ يسوع سان گڏ رهنديون هيون ۽ ان جي

[2] **١٥: ٣٤** اقتباس زبور ٢٢: ١

خدمت ۾ هيون ۽ ٻيون ڪئي زالون به هيون
جيڪي يسوع سان گڏ يروشلم ڏانهن آيون هيون.

## يسوع جي تدفين
(متّي ٢٧: ٥٧-٦١؛ لوقا ٢٣: ٥٠-٥٦؛
يوحنا ١٩: ٣٨-٤٢)

٤٢ تڏهن اونداهه ڇانئجي ويئي اهو تياري جو
ڏينهن هيو يعني سبت کان پهريان جو ڏينهن. ٤٣
ارميته ڳوٺ ۾ رهڻ وارو يوسف پيلاطس ڏانهن
وڃي ڪري يسوع جي لاش پاڻ ڪٽي وڃڻ جي
درخواست ڪئي جڏهن ته يوسف يهودي تنظيم
۾ هڪ اهم رڪن هيو خدا جي بادشاهت جي
انتظار ڪرڻ وارن مان هي به هڪ هيو.
٤٤ يسوع ان قدر جلد انتقال ڪري وڃڻ تي
پيلاطس کي حيرت ٿي يسوع جي نگراني تي
متعمين هڪ سپاهيءَ عهديدار کي پيلاطس
گهرايو ۽ پڇيو، ”ڇا يسوع جو انتقال ٿي
ويو؟“ ٤٥ ان عهديدار چيو، ”ها انتقال ٿي
ويو“ اهڙي طرح پيلاطس يوسف کي چيو
اهو لاش ڪٽي وڃي سگهين ٿو.
٤٦ يوسف سنهو سوٽي ڪپڙو ڪٽي آيو ۽
صليب تان لاش کي لاهي ڪري ان کي ڪپڙي
۾ ويڙهي ڇڏيو. پوءِ ان کي ٽڪر واري قبر ۾ ان
کي لاٿو ۽ ان قبر تي وڏي پهڻ کي لڙڪائي ڪري
ان کي بند ڪيو. ٤٧ مريم مگديني ۽ يوسيس جي
ماءُ مريم ان هنڌ جي نشاندهي ڪري ڇڏي هئي
ته يسوع جو لاش ڪنهن هنڌ تي رکيو ويو آهي.

## يسوع جو ٻيهر زنده ٿيڻ
(متي ٢٨: ١-٨؛ لوقا ٢٤: ١-١٢؛
يوحنا ٢٠: ١-١٠)

١٦ ١ سبت جي ٻئي ڏينهن مريم مگديني
سلومي ۽ يعقوب جي ماءُ مريم اهو
چاهن ٻيون ته ڪجهه خوشبودار شيون يسوع
جي لاش جي لاءِ هڻون. ٢ هفتي جو پهريون
ڏينهن هيو صبح جي وقت اهي قبر جي جاءِ تي
هلي ويون. ان وقت سج اُڀري رهيو هيو پوءِ
به اونداهي هئي. ٣ اهي زالون پاڻ ۾ ڳالهيون
ڪندين چوڻ لڳيون ته ”پهڻ جي وڏي ٽڪر جي
ذريعي قبر جو منهن بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو
ته پهڻ اسان جي لاءِ ڪير لڙڪائيندو؟“
٤ جڏهن اهي زالون قبر تي پهتيون ته انهن ڏٺو
ته اهو پهڻ لڙڪيل آهي جڏهن اهو پهڻ گهڻو وڏو
هيو. پر ان کي قبر جي منهن کان پهڻ کي پري
ڪري لڙڪايو ويو هيو.
٥ اهي زالون جڏهن قبر ۾ لٿيون ته ڏٺائيون
ته سفيد چوغو پهريل هڪ نوجوان قبر جي
ساڄي طرف ويٺو آهي ان کي ڏسي ڪري اهي
گهبرائجي ويون.
٦ پر ان چيو، ”گهبرايو نه! صليب تي لٽڪيل
جنهن ناصري يسوع کي توهان ڳولهي رهيا آهيو
اهو ٻيهر زنده ٿي ويو آهي ۽ اهو هتي نه آهي
ڏسو انجي لاش جنهن جڳهه تي رکيل هئي اها
هتي ئي آهي. ٧ هاڻي وڃو يسوع جي شاگردن
۾ منادي ڪريو. بطور خاص پطرس کان ڳالهه
معلوم ڪرايو ۽ توهان ان کي چئجو ته اهو گليل
۾ وڃي رهيو آهي ۽ اهو توهان سان قبل اتي ئي
رهندو. ان پهريان ئي توهان کي چيو هيو ته
توهان ان کي اتي ڏسندا.“
٨ اهي عورتون ڊڄڻ جي ماري هي ڊڄي
ويون ۽ ڏڪڻ لڳيون هيون ۽ قبر ڇڏي ڪري
ڀڄي ويون. چو جو اهي گهڻو خوف زده هيون
ان لاءِ اهو ان واقعي جو ڪنهن کي نه چيو.

(ڪجهه قديمي مرقس يوناني
ڪتاب اتي ئي ختم ٿين ٿا)

## ڪجهه شاگردن کي يسوع جو ديدار ٿيڻ
(متي ٢٨: ٩-١٠؛ يوحنا ٢٠: ١١-١٨؛
لوقا ٢٤: ١٣-٣٥)

٩ هفتي جو پهرين ڏينهن صبح جو ئي يسوع
پهرين ٻهر مريم مگديني کي نظر آيو. پوئين
ڏينهن ڪڏهن يسوع مريم مگديني تي ستن ڀوتن
کي ٻاهر ڪڍيو هيو. ١٠ مريم وئي ۽ انهن جي
شاگردن کي ٻڌايو. پر اهي اجان تائين ڏک ۾
ٻڏل هئا ماتم ڪري رهيا هئا. ١١ جڏهن مريم
شاگردن کي ٻڌايو ته مان يسوع کي زنده ڏٺو ته
شاگردن ان جي ڳالهه تي ڀروسو نه ڪيو.
١٢ هڪ دفعي ائين ٿيو ته يسوع جا ٻه شاگرد
جڏهن هڪ ڳوٺ مان گذري رهيا هئا ته يسوع
هڪ ٻئي صورت ۾ ڏيکائي ڏني. ١٣ اهي ٻه
شاگرد ۽ ٻين شاگردن ڏانهن واپس موٽيا ۽ انهن
کي اهو واقعو ٻڌايو پر انهن اُن جي ڳالهين تي
يقين نه ڪيو.

## يسوع جو پنهنجي شاگردن سان گڏ ڳالهه ڪرڻ

*(متي ٢٨: ١٦-٢٠؛ لوقا ٢٤: ١٦-٤٩؛
يوحنا ٢٠: ١٩-٢٣؛ اعمال ١: ٦-٨)*

١٤ جڏهن يارهن شاگرد ماني کائي رهيا هئا
يسوع انهن کي نظر آيو. شاگردن ۾ چو جو ايمان
گهٽ هيو جنهن جي وجهه سان يسوع انهن جي
مخالفت ڪئي اهو سخت دل هيو. ۽ ماڻهن ان
ڳالهه تي يقين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته
يسوع مرڻ کان بعد جيءُ اٿندو.
١٥ پوءِ يسوع تمام شاگردن کي چيو، ”وڃو
سڄي زمين ۾ ڦهلجي وڃو ۽ هر هڪ کي
خوشخبري ٻڌايو. ١٦ اهي جن ايمان آندو ۽ اهي
جيڪي بپتسمه ڪٽي نجات پائيندو ۽ جو ايمان ڪٽي
ايندو اهو ڏوهاري جي زمري ۾ شامل هوندو. ١٧
ايمان رکڻ وارا معجزه ڏيکاريندا. ۽ اهي منهنجي
نالي جو واسطو ڏيئي ڪري ڀوتن کي ڇوڪارو
ڏياريندا. ۽ اها زبان جنهن کي اهي ڄاڻن ئي نه
ٿا ان ۾ اهي ڳالهيون ڪندا. ١٨ جيڪڏهن اهي
نانگن کي پڪڙن به ته انهن کي ڏنگ نه هڻندا.
جيڪڏهن اهي زهر به پي وڃن ته انهن تي ان
جو ڪوئي اثر به نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن
پنهنجو هٿ رکندا ته بيمار به صحتياب ٿي ويندا.“

## يسوع جو آسمان ڏانهن موٽڻ

*(لوقا ٢٤: ٥٠-٥٣؛ اعمال ١: ٩-١١)*

١٩ خداوند يسوع انهن واقعات کي پنهنجي
شاگردن سان بيان ڪيو ۽ انکان بعد ۾ آسمان ۾
چاڙهيو ويو. ۽ اتي خدا جي ساڄي طرف ويهي
رهيا.
٢٠ شاگرد هنڌ هنڌ زمين ۾ هر طرف ڦهلجي
ڪري ماڻهن کي ان جي خوشخبري جي منادي
ڪئي ۽ خداوند انهن ماڻهن جي مدد ڪئي. ۽
مختلف معجزن جي ذريعي ان کي خوشخبري
جي ڳالهه کي ثابت ڪندا رهيا.